

# سنڌيءَ جا ٽيھ سال


ڊاڪٽر ٻرسو گدواڻي

ايم-اي، پي ايڇ-ڊي،

# سنڌيءَ جا نبھ سال

ڊاڪٽر ھرسو گدواڻي
ايم-اي، پي ايڇ-ڊي،

لسنونكمار

بمبئي الهاس نگر عشر

انڈیا 11-8-1986

# سنڌيءَ جا ٽيهه سال

( سنه ۱۹۴۸ع کان سنه ۱۹۷۸ع تائين)

●

ڊاڪٽر پرسو جيسارام گدواڻي
ايم. اي؛ پي ايڇ. ڊي؛

●

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
۹۰، لڪشمي مارڪيٽ، الهاس نگر - ۳

# SINDHI JAATIH SAAL

(Thirty Years of Sindhi)

By :

Dr : Parso Gidwani

M.A; Ph.D.

*

**SINDHI TIMES**

Publication

90, Laxmi Market,

Ulhasnagar-3 Tele: 1208

*

Published by :

Suresh Paryani

For

The Sindhi Times

Publication

*

Printed by :

Smt. Mohini Sobhraj

Budhwani INQLAB Press,

Ulhasnagar-3. (Phone 66)

*

Sole Agent:

Jagdish Book Depot,

Main Bazar,

Ulhasnagar-2, (Phone 455)

*

Price:- Rupees Six

Year October 1979

## ڪتاب بابت ...

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي جو سنڌيءَ ۾ هي ٻيو ڪتاب آهي جو سنڌي پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي. ڇڱا سال اڳ ڊاڪٽر صاحب جو ڪتاب **”شاه جو شعر“** توهان جي نظر مان گذريو هوندو. اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ڊاڪٽر گدواڻيءَ جو ڀرپور ڪتاب ۽ هي ٻيو ڪتاب **”سنڌيءَ جا ٽيهه سال“ سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن** طرفان ئي ظاهر ڪيل آهن.

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي هڪ کوجنڪ آهي. هن ورهاڱي بعد سنڌي ٻولي، نالن ڊڪشنري وغيره تي جيڪو اٿر ٻيو آهي. ان جي چند ڇاڻ ڪئي آهي، نه فقط ايترو بلڪ سنڌي ادب، ٻولي ۽ سڀيتا کي ڪيئن ٿو قائم رکي سگهجي ان بابت به هڪ روپ ريکا ڏني آهي. ته هڪ مرڪزي انسٽيٽيوٽ کوليو وڃي جتي اهو ڪم ٿي سگهي ٿو.

هي ڪتاب سچ پچ ته نه فقط ايندڙ پيڙهيءَ لاءِ هڪ اتهاسڪ دستاويز ٿيندو ته ورهاڱي بعد سنڌيءَ تي ڪهڙا اثر پئجي چڪا آهن ۽ پئجي رهيا آهن- بلڪ موجوده پيڙهيءَ کي به ساوڌان ڪيو ويو آهي ته هو ڪجهه ڪرڻ چاهين ته ڪري ٿا سگهن.

أميد ته ڪتاب پڙهندڙن کي پسند پوندو.

وجيه ڊشمي -

ڀرين آڪٽوبر ۱۹۷۹ع

**- نارايڻ ڀارتي**

فهرست

صفحو
١. سنڌي ٻوليءَ جي اوسر " ٩
٢. سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي " ٢٥
نالن تي ٻوليائي اثر
٣. ورهاڱي جو سنڌي نالن تي اثر " ٣٣
٤. سنڌيءَ جا عزازتي لفظ " ٤٩
٥. سنڌي لغت جو وڪاس " ٦٥
٦. سنڌي تهذيبي ڪيندر " ٨١
جي روپ ريکا
٧. ترجمو ۽ سيهڪ مشڪلاتون " ٩٣

# سنڌي ٻوليءَ جي اوسر

## ١٩٧٧-١٩٤٧

---

[١- ڇهين نومبر ١٩٧٧ کان ٧ نومبر ١٩٧٧ تائين ڪيرالا يونيورسٽي ٽريوندرم ۾ ورلڊ ملايالم ڪانفرنس ڪوٺائي وئي هئي. اُن ڪانفرنس ۾ هڪ بيٺڪ اهڙي به هئي جنهن ۾ ڀارت جي وڌان جي انٺين شيڊول ۾ تسليم ڪيل ٻولين جي اوسر (development) تي پوتاميلي مقالا (Survey Papers) پيش ڪيا ويا. ان مراد سان ته حالتن جو جائزو وٺي سگهجي ته سيني ٻولين ٽيهن سالن ۾ (١٩٤٧-١٩٧٧) الڳ الڳ کيترن ۾ کيترو واڌارو ڪيو آهي. ۽ هڪ ٻئي جي آزمودي مان ڪجهه فائدو وٺي سگهجي. ان سيمينار لاءِ مونکي سنڌيءَ تي مقالو پيش ڪرڻ لاءِ نيند هئي، جا مون

خوشيءَ سان قبول ڪئي. اهو مقالو جيئن تہ غير سنڌين لاءِ هئو انڪري خاص سنڌي پاڙن لاءِ هون ان ۾ ضروري ڦير گھير ۽ ڦيرڦار ڪري هيءُ مقالو تيار ڪيو آهي.

٣- ١٩٤٧ کان ١٩٧٧ تائين پورا ٽيھ سال ٿي ٿا وڃن. ٽيھ سال پوئتي جاچڻ لاءِ ڪو گھٽ عرصو ڪونہ آهي. انڪري هن مقالي ۾ گھٽ ۾ گھٽ سنڌيءَ جي اوسر جي تصوير پيش ٿي سگھي ٿي. اسين ڏسي سگھون ٿا تہ هاڻي اسين ڪٿي بيٺا آهيون. اسان انهن ٽيهن سالن ۾ ڇا وڃايو آهي ۽ ڇا ورتو آهي. ۽ پوءِ اسين ايندڙ عرصي لاءِ ڪا رٿا رٿي سگھون ٿا.]

## تواريخي پس - منظر

١٨٤٣ ۾ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ، سنڌ ۾ عام ماڻهن جي عام واهپي جي ٻولي سنڌي هئي. پر شانائتي (Prestigeous) ٻولي فارسي هئي ۽ فارسيءَ کي ئي علم - ادب جي لائق سمجھيو ويندو هئو ۽ سرڪاري ڪم ڪار لاءِ پڻ انهي ئي کي ڪتب آندو ويندو هئو. جيتوڻيڪ پين ڪن خاص ڪيترن ۾ سنڌي ٻولي ڪتب آندي ويندي هئي پر سنڌي جي لکڻ لاءِ ڪا هڪ لکتي ڪتب ڪونہ آندي ويندي هئي. پر الڳ الڳ مقصدن لاءِ چار الڳ الڳ لکتيون ڪتب آنديون وينديون هيون. توري ڦير گھير ڪيل

روپ ۾ فارسي - عربي لپي اسلام مذهب جي پوئلڳن لاءِ مذهبي لکيتن لاءِ ڪم آندي ويندي هئي. هندو ڌرم جي لکيتن لاءِ ديوناگريءَ جو ٿير گهڻو ڪيل روپ ڪم ۾ ايندو هئو يا براهمڻ پنهنجي شخصي ڪم لاءِ پڻ ديوناگري ڪتب آڻيندا هئا. پر سک ڌرم جي مڃيندڙن وري ڌرمي لکتين لاءِ گرمکيءَ کي ڪم آندو. انهن مڙني آويتائن ڪانسواءِ هٽائي يا هٽواڻڪائي لکٽي وري هندو سنڌي پائيمند پنهنجي وڻج واپار جي هرقسم جي لکپڙه لاءِ ڪم آڻيندا هئا. جنهنجا به اٽڪل ۱۴ الڳ الڳ نمونا سنڌ جي الڳ الڳ ڀاڱن ۾ هلندڙ هئا. اهي مڙئي لکٽيون اهي الڳ الڳ طبقا ڌرمي لکتين ڪانسواءِ شروعاتي دور ۾ ڪن ڪن موقعن تي ۽ پوءِ آهستي شخصي لکپڙه لاءِ پنهنجين پنهنجين لکتين کي ئي ڪتب آڻيندا هئا. انهن مان هٽائي ۽ گرمکي اڄ به ڪنهن محدود دائري ۾ ڪتب اچن ٿيون. ان وقت تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ صوفي ساهتيه، سنت ساهتيه ۽ لوڪ ساهتيه جو هڪ وڏو ذخيرو هئو پر انکي ڪني ڪرڻ، ڇپائڻ وغيره جي ڪم ڏانهن ۱۹ صديءَ جي اڌ تائين خاص ڪا گهڻي توجهه ڪونه ڏني ويئي هئي. ان ڏس ۾ پهرين گهڻي ڪوشش ۱۸۴۳ ۾ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ ٿي. ۱۸۵۳ع ۾ انگريزي حڪمرانن سنڌي ٻوليءَ کي ڪم ڪار جي ٻولي مقرر ڪيو ۽ سنڌيءَ جي پڙهڻ

لاءِ اسڪول کوليا. اُنهن ٻنهي ڪمن لاءِ سرڪار عربي - فارسيءَ جي ڦير گهير ڪيل لکَڻيءَ کي منظور ڪيو. اِن طرح ٻهرين دفعو فارسيءَ جي هڪ هٿي لٿي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي علم ادب توڙي سرڪاري ڪم ڪار لاءِ قبوليت ملي. ايسٽ اِنڊيا ڪمپنيءَ درسي ڪتابن ۽ ڊڪشنرين وغيره ڇاپڻ لاءِ سنڌ سرڪار کي فراخدليءَ سان پئسي جي مدد ڪئي. اِن سرڪاري قدمن ڪانپوءِ ئي سنڌيءَ جو واڌارو تمام تکو ٿيو.

١٨٥٣ع کان ١٩٤٧ع تائين سنڌي نہ فقط هاءِ اسڪول جي تعليم لاءِ هڪ وشيہ طور پڙهائي ويندي هئي پر ٻين وشين جي ماڌيم طور پڻ ڪتب ايندي هئي. اِن عرصي اندر درسي ڪتابن کانسواءِ ڪيترائي ڪتاب الڳ الڳ وشين تي لکيا ويا يا ٻين ٻولين مان ترجمو ڪيا ويا. ڪيترائي کوجنائتڪ مقالا پڻ ڇپيا. ڪيترن ئي روزانين ۽ هفتيوار اخبارن پڻ نڪتيون. ڪي ماهوارين ۽ ٽماهي مخزن پڻ نڪتيون. شروعاتي دور جا مشهور ليکڪ هئا مرزا قليچ بيگ، ڪوڙومل چندنمل کلناڻي، پيرومل مهرچند آڏواڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، لالچند امرڏنومل، جيٺمل پرسرام گلراجاڻي وغيره.

اِن دور ۾ ئي سنڌي ٻولي يونيورسٽي سطح تي وشيہ طور پڻ منظور ڪئي. ويڻي ۽ سنڌيءَ جو ٻهرين ليکڪ ڏيڻ جو شرف سنڌيءَ جي بزرگ ساهتيڪار

۽ ڪوجنيڪ شري ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ ڪي ٿي مليو.

## ورهاڱو

۱۹۴۷ ۾ ڀارت جو ورهاڱو ٿيو. سڄو سنڌ پرديس اولهه پاڪستان (هاڻي پاڪستان) کي ڏنو ويو. ان ورهاڱي جو گهڻي ۾ گهڻو اثر سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ تي ٿي پيو. سنڌي ٻوليءَ تي ڏنو وڃي ته گهڻو سنو (خاص ڪري هن وقت ڏسجي ته). اٽڪل ۱۰ لک سنڌي هندن کي پنهنجا ابامن کان اڏيل آباڻا اجها ڇڏي رهڻ ۾ رلڻو پيو ۽ ڀارت جي لڳ ڀڳ سڀني پرانتن ۾ پکڙل ننڍل ملٽري بئرڪن ۾ متو پيڪڻو پيو. هو مکيه طور مهاراشٽر، گجرات، راجستان، مڌيه پرديش، اتر پرديش ۽ دهليءَ ۾ وسيا. انهن ڪجهه سالن تائين کين اتي، اجهي ۽ لٽي لاءِ ڪشالا ڪڍڻا پيا. سياويڪ آهي ته شروعاتي دؤر ۾ هنن جو ڌيان پنهنجي ٻوليءَ ۽ ساهتيه ڏانهن گهٽ ويو، پر لنهن هوندي بـــ ائين ڪونه هئو ته صفا سڄ هئي. سنڌي ٻوليءَ جو اپياس سولائيءَ سان ڪرڻ لاءِ اُنکي ٻن دورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهرين دور ۱۹۴۷ کان ۱۹۶۷ ۽ ٻيو دور ۱۹۶۷ کان ۱۹۷۷. پهرين دور سنڌي ٻوليءَ جي اٺين شيڊول ۾ تسليميءَ لاءِ جدوجهد جو دور هئو. ۽ ٻئين دور ۾ تسليميءَ کانپوءِ جو پوئاميل آهي.

### ۱۹۴۷ - ۱۹۶۷

ورهاڱي جي پهرين لوڏن کي سهڻ کانپوءِ سنڌي

تعليمدانن ۽ سنڌي ليکڪن تعليم ۽ ساهتيہ ڏانهن ڌيان ڏنو. سنڌين ڪوشش سان ئي سرڪار جتي ٻہ سنڌين جي گهڻائي هئي اُتي پرائيمري، مڊل يا هاءِ اسڪول کوليا. گجرات، راجستان، مهاراشٽر، مڌيہ پرديش ۽ دهليءَ ۾ سنڌي سيڌي وشين جي ماڌيم طور هاءِ اسڪول قائم ٿيڻ ۾ قبول ڪئي ويئي. اها سهوليت اڄ تائين قائم آهي. دهليءَ، احمدآباد ۽ بمبئيءَ ۾ ڪاليجن ۾ سنڌي وشيہ طور پڙهائي ويندي هئي. پر ١٩٥٠ ڌاري ۽ اُنکانپوءِ جيئن جيئن سنڌ پنهنجا ڪاليج برپا ڪيا ليئن ٿوري وقت اندر ئي ڪيترن ڪاليجن ۾ سنڌيءَ جي وشيہ طور پڙهائي شروع ٿي. بمبئيءَ ۾ هن وقت جئہ هند ڪاليج ۽ ڪي. سي. ڪاليج (چرچگيٽ)، نئشنل ڪاليج (باندرا)، آلريجا ڪاليج ۽ چاندي بائي ڪاليج (الهاسنگر)، دهليءَ ۾ پڻ ديشبنڌو ڪاليج ۽ ڪن ٻين ڪاليجن ۾ سنڌي پڙهائڻ جو بندوبست آهي. پوني ۾ پڻ سينٽ ميران ڪاليج ۽ واڊيا ڪاليجن ۾ سنڌي پڙهائڻ جو بندوبست آهي.

مڌيہ پرديش ۽ راجستان جي سرڪاري تعليمي بورڊن انٽرميڊئيٽ جي امتحان لاءِ سنڌي هڪ وشيہ طور تسليم ڪيو. پر پارٽ جي ڪنهن بہ يونيورسٽيءَ ۾ آرٽس ۽ سائنس جي وشين لاءِ سنڌيءَ کي ماڌيم طور تسليم نہ ڪيو.

۱۹۵۵ ڌاري جڏهن پارٽ جي پرديشن کي پوليوار آڌار تي ترڪيب ڪيو ويو تڏهن سنڌين کي حقيقي چارڻ پيئي ته هو ڪٿي بيٺا آهن ۽ سنڌن من ۾ پنهنجي ٻوليءَ ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ پڻ ٻي سلامتيءَ جا انديشا پيدا ٿيا. جا ڳالهه سنڌن لاءِ چنتا جو باعث بڻي. هنن ڏٺو ته سنڌي ٻولي ڀارت جي آئين شيڊول ۾ تسليم ٿيل نه هئڻ ڪري، ڀارت ۾ قومي سطح لاءِ ٿيندڙ ڪيترين ئي قسم جي چٽاڀيٽين ۾ ڪين ٻري رکيو پئي ويو ٻوءِ پلي اُها ساهتيه اڪادمي هجي يا آل انڊيا ريڊيو هجي. قومي سطح تي ٿيندڙ ڪيترن ئي انعامن ۾ پڻ سنڌيءَ کي ٻري پئي رکيو ويو ٻوءِ پلي اُها ساهت اڪادمي هجي، آل انڊيا ريڊيو هجي، يا قومي سطح تي ڪي انعام ئي چونه ڏيڻا هجن. هنن اهو به ڏٺو ته پوليوار پرانتن تهڻ جي ڪري هنن کي پنهنجي پرانت نه هئڻ ڪري راڄيه سرڪار جي مدد کان به وانجهيل رهڻو پئي پيو. اِن حالت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي صفح هستيءَ تان ميسارجي وڃڻ کان بچائڻ لاءِ هنن به ڳالهيون ڪيون: هڪ ته ادب کي وڌائڻ جون ڪوششون ڪيون ۽ ٻيو سنڌي ٻوليءَ جي تسليمي لاءِ اُدم جي شروعات ڪئي. اِن ڏس ۾ عملي قدم پڻ کنيا. ادبي سرگرمين جي ڏس ۾ هر وڏي شهر ۾ بزرگ ساهتيڪارن جي ڪوشش سان سنڌي ادبي سڀائون ڪڙيون ٿيون جتي سنڌي رچنائون لکڻ

لاءِ نوجوان اديب ڪلهي ڪلهو سان ملائي بزرگ اديبن سان رچنائن تي تنقيد ڪندا هئا. ان نموني بزرگ اديبن گهٽ ۾ گهٽ جاتيءَ تي وڏو احسان اهو ڪيو جو پنهنجي پنيان هڪ اديبن جي پيڙهي تيار ڪئي. جنهن سنڌي ٻوليءَ جي حقن سنڀالڻ جو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو. انهن بزرگن ۾ دهليءَ ۾ سروشري ڊاڪٽر هرو سدارنگاڻي، منوهرداس ڪوڙومل، ۽ تيرٿ بسنت هئا ۽ نوجوانن ۾ نارائڻ شيام، امرلعل ساڌواڻي، سائين راز، ليکمڻ خوبچنداڻي (هاڻي ڊاڪٽر ليکمڻ خوبچنداڻي)، شري هيم ناگواڻي، ڪي. ايس. ٻالاڻي، ليکمڻ ڪومل، موتي جوتواڻي (هاڻي ڊاڪٽر موتي جوتواڻي)، هريڪانت، ايشور گرمڪاڻي، انند ڪيماڻي، سترام ڪلياڻي همدرد، پرسو گدواڻي (هاڻي ڊاڪٽر پرسو گدواڻي) ۽ ٻيا به ڪيترا اُسرندڙ اديب هئا. جن مان ڪيترن ئي اڳتي هلي سنڌي ساهت جا گهوڙا پريا ۽ اڄ به سنڌي ساهت جي سيوا ۾ اڳرا آهن. ساڳيءَ طرح بمبئيءَ ۾ بزرگ ساهتڪارن ۾: سروشري لعلچند امرڏنومل (هاڻي سرڳواس)، پروفيسر عزيز (هاڻي سرڳواس)، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، گوبند مالهي، پروفيسر رام پنجواڻي، ڏرمداس ڪشترپا، پروفيسر ناگراڻي، پرنسيپال اجواڻي (هاڻي سرڳواس)، آسانند مامتورا وغيره اڳرا هئا. نوجوانن ۾: شري موهن ڪلپنا، ڪرشن راهي، گنو سامتاڻي، لعل پشپ،

ڪويتا پشپ، پوپٽي هيراننداڻي، موتي پرڪاش، ڪلا پرڪاش، اُتم، سندري اُتمچنداڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي وغيره تمام گهڻو اڳڀرا هئا. اجمير ۾ بزرگ ساهتڪارن ۾ ميلارام منگترام واسواڻي، فتحچند واسواڻي، ديو دت شرما، پريداس برهمچاري وغيره سنڌيءَ لاءِ چڱو پاڻ پتوڙيو. نوجوانن ۾ ايشور چندر، گوورڌن ڀارتي وغيره سنڌي ادب ۾ اڳرا رهيا. پوني ۾ نوجوانن ۾ ايشوري جوتواڻي ساهت جي سيوا ڪئي ته ڪشنچند جيتلي وري ڪوچنا جي ڌس ۾ اڳرو رهيو. ڀوپال ۽ بڙاڳڙهه ۾ ڪيمٽداس فاني، روپڪماز گهايل، قيمت هر پسنگهاڻي ۽ خوبچند پاڳل پريمي ادب جي جوت جڳائي. ساڳيءَ طرح گانڌيڌام ۾ بزرگن ۾ هري دلگير، هوندراج دکايل، وشنو شرما جي نظرداريءَ هيٺ نوجوان ساهتڪار هريش واسواڻي، ستيش روهڙا (هاڻي ڊاڪٽر ستيش روهڙا) ڪافي اڳتي وڪ وڌائي. اِنهن شهرن کانسواءِ احمدآباد، ٻڙودي، جئپور، ناگپور ۽ رائپور وغيره ۾ ٻن ٽورو ڪي گهڻو ڪم ٿيو، پر ڪٿي ڪٿي وري ڪي سنڌي ادب جا ڪي ڏيا ٻٽي ٽمڪيا جن هر طوفان جو مقابلو ڪندي ٻه سنڌي ساهت کي املهه ماڻڪ ڏنا آهن ۽ اڄ ٻه ڏيئي رهيا آهن اُنهن ۾ خاص طور ڪرشن ڪتواڻي اندور، سندر اگناڻي جئپور، گوبندرام رائسنگهاڻي جلگانو (هاڻي اندور)، جيٺ ريلواڻي

( راجڪوٽ )، الهاسنگر ۾ اڪيلي سر لوڪ ساهت جو ڪم ڪندڙ نارائڻ پارتي، ڪلڪتي ۾ لڇمي ڪلاڻي، بنارس ۾ ڊاڪٽر نارائڻ سامتاڻي، ۽ ڊاڪٽر جيرامداس دولترام ( پوءِ پلي هو صاحب ڪٿي به رهيو هجي ) .

اڄ اسين جيڪڏهن ١٩٤٧ کان ١٩٦٧ جي عرصي جون سنڌي اخبارون کڻي ڏسنداسين تہ ان وقت سنڌي اديب ڪافي سرگرم هئا. خاص ڪري دهلي، بمبئي، گانڌيڌام، اجمير ۽ بمبئي وغيره. هفتيوار يا ماهيانا ادبي - ڪلاس بزرگ ۽ نوجوانن ساهتڪارن سان ڀرپور هوندا هئا. انهن ادبي - ڪلاسن ۾ اديب پنهنجيون رچنائون - ڪويتا، ڪهاڻي يا ليک وغيره پڙهندا هئا ۽ پوءِ دؤر ايندو هئو تنقيد جو. اها تنقيد نہ هلان هوندي هئي ۽ نہ هلان سمجهي ويندي هئي ( گهٽ ۾ گهٽ دهليءَ ۾ ڪيترن ئي اهڙن ادبي - ڪلاسن جا پيارا نظارا اڄ بہ اکين اڳيان تري ٿا اچن). انڪري انهن ادبي - ڪلاسن مان ڪيترا نوس نتيجا نڪتا. خاص ڪري نوجوان اديب انهن ادبي ميڙن روپي کوُرن مان سون وانگر چمڪي نڪتا. تنقيد ۾ پاڻ ونڻ جي خيال کان وري هنن ۾ ابياس جي عادت پيئي ۽ هنن پنهن ٻولين جي ساهت جو پڻ ابياس ڪيو. ان ساهت کي چپائڻ لاءِ پڻ ڪيترين هفتيوار، ماهيانيون، ٽماهي وغيره مخزنون نڪتيون. جن ۾ هندواسي هفتيوار شروعاتي دور ۾ چڱي شيوا ڪئي.

اِنڪانسواءِ ڪِهاڻي (سمپادڪ جڳت آڏواڻي)، ڪونج (سمپادڪ هري موٽواڻي)، سنڌي ٽائيمس (سمپادڪ نارائڻ ڀارتي)، ڀرهه ڦُٽي (سمپادڪ لعل پشپ)، دهليءَ مان ۱۹۵۷ ۾ ٻوڪ ٽماهي رسالو نڪتو جنهنجا ايڊيٽر درگو اچتاڻي ۽ پرسو گدواڻي هئا.

اِنهن ادبي ميڙن ۾ سنڌي ساهتڪار اِن ڳالهه کان واقف ٿيا ته ٻين ٻولين جا اديب مرڪزي سرڪار ۽ راڄيه سرڪارن کان انيڪ فائدا حاصل ڪري رهيا آهن. ۽ هو ڀڻ سنڌيءَ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ سوچڻ لاءِ مجبور ٿيا. تسليميءَ جو تحرڪ اهنسڪ ۽ وڏانڪ هئو.

هن ڏهاڪي ۾ هڪ ٻي وڏي ڪاميابي جا سنڌيءَ کي ملي اها هئي سنڌيءَ جي ڪوجناتمڪ ادب ۾ سرگرمي. هن ڪارڻ جو مکيه مرڪز هئو پونو. ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ کوجنا ڪارڻ لاءِ جاڳرتا آڻڻ جي جس جو ڀاڳي سچ پچ ڊاڪٽر خوبچنداڻي آهي ۽ اِهو سنڌي وياڪرڻ کولائڻ جو شرف وري آهي اسان جي بزرگ کوجنيڪ ڊاڪٽر ڄيرامداس دولترام کي. اِنڪانسواءِ سنڌو کوجنا کيندر پوني جي کوجنا جي ڏس ۾ هڪ هٿي پٺي رهي آهي. سنڌي ٻوليءَ کانسواءِ سنڌي ادب سان واسطو رکندڙ وشيه تي ڀڻ ڀڙڻ ٻي. ايچ. ڊي هن ڏهاڪي ۾ عطا ٿي. جنهنجو شرف هن مقالي جي ليڪڪ آهي جنهن جنهن

'A comparative study of Hindi and Sindhi Sufi poets'
تي ساگر يونيورسٽيءَ مان ٽين ڊسمبر ١٩٦٦ تي Ph. D
حاصل ڪئي.

آخر ١٠ اپريل ١٩٦٧ ڌاري هند جي ڏيهان سنڌي
ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان جي اٺين شيڊول ۾ ١٥
ٻولي ڪري تسليم ڪيو ويو.

ان تسليميءَ سان گڏ ان تحرڪ جي دور ۾ سنڌي
ٻوليءَ کي ڪجهه ٻيا به فائدا مليا. جيئن ته ١٩٥٧ ۾
ساهت اڪادميءَ سنڌيءَ کي تسليم ڪيو ۽ ڀهريون
انعام شري ٽيرٿ بسنت کي ١٩٥٩ ۾ مليو. ١٩٥٨ ۾
آل انڊيا ريڊيو جي بمبئي اسٽيشن تان اڌ ڪلاڪ جو
سنڌي پروگرام شروع ٿيو. ١٩٦٣ ۾ پوني جي ڊيڪن
ڪاليج، پوسٽ گريجوئيٽ ۽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾
سنڌي ڀاشا وگيان جو هڪ ننڍڙو وڀاڳ کليو. ان ننڍڙي
وڀاڳ ڀارت ۾ سنڌي کوجنا ڪارڻ جي ڏس ۾ چڱي
سجاڳي آندي ۽ ڪيترن ئي نوجوانن کي ڊيڪن
ڪاليج مان کوجنا جي تربيت ملي ۽ اڄ هو اهم عهدن
تي آهن ۽ سنڌيءَ جو ڪارڻ ڪري رهيا آهن.

## تسليميءَ جو نتيجو

ڀارت جي وڌان جي اٺين شيڊول ۾ تسليم ٿيل
ٻولين مان سنسڪرت، اردو ۽ سنڌي ٽي اهڙيون
ٻوليون آهن جن کي پنهنجو ڪو پرديش ڪونه آهي.

ٻن ٻولين جي ڀيٽ ۾ سنڌي گهڻو ڀرو سي (Precarious) جي حالت ۾ آهي. سواءِ ڪن ٻن ٽن ٻوليائر - ٻيٽن (Language Islands) جي سنڌي ڳالهائيندڙ ڀارت جي سيني وڏن شهرن ۽ ڪيترن ئي ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وسيل آهن. وڏان جي تعليمي هوندي به ۽ ڪن هنڌ اڃا هوندي به سنڌي ٻار سنڌيءَ ۾ تعليم وٺڻ کان محروم آهن. سنڌي ڪنهن به پرديش جي سرڪاري ڪم ڪار جي ٻولي ڪونه آهي ۽ نه ئي وري مرڪز ۾ ڪا سنڌيءَ کي اهم جاءِ آهي. سنڌيءَ جي گرئجوئيٽ کي نوڪريءَ جي معاملي ۾ ماستريءَ کان وڌيڪ اميد رکڻ جي جرئت نٿي ٿئي ۽ جنهن سنڌي ماڊيم سان پاس ڪئي آهي اهو راڄيه يا قومي سطح تي ٿيندڙ چٽاڀيٽين ۾ هو پاڻ کي گهڻو ڀوڻتي ٿو محسوس ڪري.

## ۱۹۶۷-۱۹۷۷ وارو دؤر

۱۹۶۷ ۾ سنڌيءَ کي ڀارت جي آئين شيڊول ۾ تسليم ڪيو ويو. سڀاويڪ هئو ته هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ٿئي ها ته اِنلاءِ سڀ راهون کليل هيون. پر آشا جي اُبتڙ ئي ٿيو. لپيءَ جي پوت هن وقت پنهنجو اصلي روپ ظاهر ڪيو. عربي - فارسي لپيءَ جا سمرٿڪ ۽ ديوناگري لپيءَ جا سمرٿڪ اُگهاڙيون ترارون کڻي جڌ جي ميدان ۾ گهڙي پيا. اِڳرائي ڪنهن ڪئي اِن جي ته ۾ وڃڻ منهنجو وشيه نه آهي پر حقيقت اِها آهي ته لپيءَ جي لڙائي سنڌي ٻوليءَ

لاءِ سچ پچ هاڃيڪار ثابت ٿي. لپيءَ جي جهڳڙي
جي گهٽڻ سببن مان شايد هڪ اهو بہ هئو تہ ٻين
ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي وڪاس لاءِ بہ مرڪزي
سرڪار هڪ ڪروڙ روپيہ منظور ڪيا.

انهن سڀني رڪاوٽن ۽ مشڪلاتن هوندي بہ
سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جا ڪيترائي فائدا جي
پنهنجو پاڻهي ملڻا هئا سي سياويڪ ملندا رهيا.
سينٽرل انسٽيٽيوٽ آف انڊين لئنگويجز مئسور جي
زير ساير ويسٽرن لئنگويجز سينٽر دکن ڪاليج ۾
کليو. ان ۾ سنڌي وڀاڳ پڻ کليو. مهاراشٽر، مڌيہ
پرديش، گجرات ۽ راجستان ۾ مڪاني ٻولين ۽ ڪن ٻين
ٻولين سان گڏ سنڌي درسي ڪتاب تيار ٿيا آهن ۽
ٿي رهيا آهن. سنڌيءَ جي پروفيسر جي هڪ پوسٽ
بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ کولي وئي آهي ۽ ١٩٧١ جي
لڳ ڀڳ اتي سنڌيءَ ۾ M.A. جي پڙهائي پڻ شروع
ٿي آهي. آل انڊيا ريڊيو تان پڻ ڪيترائي پروگرام
شروع ڪيا ويا آهن.

ساڳيءَ طرح ڀارت جي وڌان جي ٻين ٻولين سان
گڏ قومي سطح تي ٿيندڙ يا راجيہ سرڪارين وغيره
طرفان ٿيندڙ ڪيترن ئي قسمن جي انعامن يا ٻين
پروگرامن ۾ سنڌيءَ کي پنهنجو پاڻهي شامل ڪيو ويو
جيئن تہ اين. سي. آر. ٽي، تعليمي کاتو ڀارت سرڪار
طرفان نون اديبن جا انعام يا ڀارتيہ گيان پيٺ وغيره

اِنعامن ۾ سنڌيءَ کي جوڳي جاءِ ڏني ويئي.

ڏٺو وڃي ته هن پوئين ڏهاڪي ۾ سنڌين کي ادبي ۽ تمدني حق حاصل ڪرڻ لاءِ خاص جد وجهد ڪونه ڪرڻي پيئي آهي، پر حقيقتن جو جائزو وٺجي ته ڏسڻ ۾ ايندو ته سنڌي ٻولي اڄ ريس ڪرڻ جي حالت ۾ بلڪل ڪين آهي. حقيقي نقطي نگاهه کان ڏسجي ته سنڌي پڙهندڙ شاگردن جو انداز سينٽي پرائمري جي اسڪولن ۾ گهٽجندڙ آهي. جيڪي اسڪول ٻهراين ان ڏهاڪن ۾ خوب وڌي ويجهي رهيا هئا اُهي اڄ پوين پساهن تي آهن. شاگردن ۽ مائٽن جو لاڙو انگريزي اسڪولن ڏانهن آهي. جيتوڻيڪ اِهو لاڙو اڄ پارس ۾ سيني ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو آهي. پر سنڌين لاءِ اِهو خاص فڪر جو باعث آهي. اِهو اِنڪري آهي جو سنڌين کي پنهنجو ڪو پرديش ڪونه آهي. پر وڌي نراشا واري ڳالهه اها آهي ته اڄ اُهي نوجوان اديب جن کي بزرگن تيار ڪيو ۽ اُهي خود بزرگيءَ ڏانهن وک وڌائي رهيا آهن اُهي اڄ پنهنجي فرض ڏانهن سجاڳ نه آهن. هو پنهنجي پنيان ايندڙ پيڙهي تيار ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪو به ٺوس قدم نه کڻي رهيا آهن. ڪنهن به ادبي ـ ڪلاس يا ڪوچنا ـ ڪلاس ۾ نوجوانن جو تعداد نه ـ برابر آهي. اِنڪري سيني کان اهميت واري ڳالهه جنهن ڏانهن سيني کي ڌيان ڏيڻ کپي اها آهي ته سنڌي سياڻن ۽ ساهتڪ ميڙن کي وري جيئارڻ

ڪيو. اِن ڏس ۾ نوجوان اديب جيڪي بزرگيءَ ڏانهن وڪ وڌائي رهيا آهن اُنهن کي پنهنجا فرض پورا ڪرڻا پوندا ۽ ايندڙ پيڙهي تيار ڪرڻي پوندي. نوجوان اديبن جي همت افزائي ڪرڻي پوندي.

اِنهن ساهتڪ ميڙن کان سواءِ ٻيا وڏا ڪيندر يا وسيلا ( Sources ) جتان اسان کي ڪچو مال ملي سگهي ٿو اُهي آهن سنڌي اسڪول يا ڪاليج. اسانجا پراڻا دستاويز ٻڌائين ٿا ته ڪنهن وقت ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي مسلميءَ ڪيڻن نه سنڌي ادب ۾ اهميت ڀريو ڪم ڪيو. ساڳيءَ طرح اسانکي اِنهن ڪيندرن ڏانهن پڻ ڌيان ڏيڻ گهرجي. اُستاد صاحبن کي قابل ۽ هوشيار شاگردن کي ڳولهي اُنهن جي همت افزائي ڪرڻ کپي ۽ سنڌي رچنائن لکڻ لاءِ اُنهن جي من ۾ رچي پيدا ڪرڻ کپي ۽ شروعاتي دور ۾ هنن جي رهنمائي پڻ ڪرڻ کپي.

سنڌي ٻوليءَ جي هن دور ۾ وڏي ۾ وڏي نراس ڪندڙ مورت نظر ايندي آهي کوجناتمڪ ادب ۾. سنڌ جي اِتهاس، تمدن وغيره جي انيڪ پهلن ڪي همت ۾ نه لاتو ويو آهي.

پڇاڙيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ساهت جي گهڻ گهرن کي هن پوتاميلي مثالي جي ابياس ڪرڻ ڪانپوءِ ٿڌي دماغ سان سوچڻ گهرجي ته هنن ٽيهن سالن ۾ اسان ڇا وڃايو آهي ۽ ڇا ورتو آهي ۽ آئيندي لاءِ بارهه ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ساهت جي واڌاري لاءِ پڪي پيڙهه قائم ڪرڻ لاءِ ڪو اُدم ڪرڻ گهرجي.

# سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي نالن جو ٻوليائي اڀياس

تاريخ جا ورق ورائڻ سان ڄاڻ ملي ٿي ته سنڌ هڪ اهڙو پرديش رهيو آهي جنهن تي ڀارت جي ٻين ڀاڱن جي ڀيٽ ۾ ڌارين جي ڪاهن جو گهڻو اثر پيو آهي. انهن ڪاهن جي ڪري سنڌ ڪيترن ئي سڀيتائن جي اثر هيٺ آئي آهي. انهن ڪاهن ڪندڙن مان ڪيترا ته هتي ٽڪي سنڌ ۾ راڄ ڪرڻ لاءِ ويٺا، جن سنڌي سڀيتا جي ڪيترن پهلن کي پنهنجو ڪيو پر ساڳئي وقت ڪيترو ڪجهه سنڌ کي ڏنو پڻ. سڀيتا جي مڙني پهلن جو اڀياس ان نقطي نگاهه کان ڪري سگهجي ٿو. هن مقالي ۾ مان هڪڙي تمام ننڍي پر اهميت ڀري پهلوءَ جو اڀياس پيش ڪري رهيو آهيان.

سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جا نالا اسانکي ڪيترا ئي ثبوت ڏين ٿا ته سنڌ تي ڪيترن ئي ٻولين جا اثر رهيا. مان هن مقالي ۾ ڳوٺن ۽ شهرن جي نالن جو اڀياس فقط ٻوليائي لحاظ کان ڪري رهيو آهيان. جيتوڻيڪ ڳوٺن ۽ شهرن جو اڀياس ٻين ڪيترن ئي پهلن کان ڪري سگهجي ٿو.

## ا- ڳوٺن ۽ شهرن جي نالن جي بناوت

سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي نالن جو اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته گهڻي ڀاڱي نالن ۾ ٻه جزا آهن. جيئن ته ٽنڊو - آدم، ٽنڊو - جام، ڪوٽ - ڏيجي، ڪنڊ - ڪوٽ، ڳڙهي - عادو شاهه، پنو ڳڙهي، پڊجو - ديرو، شڪار - پور، حيدر - آباد، خان - واهڻ، ماڇڪي - ڳوٺ، سيتا - روڊ وغيره. انهن سڀني نالن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو ته ٽنڊو، ڪوٽ، ڳڙهي، ديرو، پور، آباد، واهڻ، ڳوٺ، روڊ، اهڙا جزا آهن جيڪي ڪيترن ئي نالن ۾ ورڇي وري اچن ٿا. يعني اهي نالن جو اهڙو جزو آهن جيڪي ڪو به نالو ڏسڻ سان اهو آڀاس ڏين ٿا ته اهو نالو ڪنهن ڳوٺ يا شهر جو آهي. انهن ۾ به ٽنڊو ۽ ڳڙهي اهڙا آهن جيڪي شهر يا ڳوٺ جي نالي جي اڳياڙيءَ ۾ اچن ٿا. ۽ ڪوٽ، ديرو، پور، آباد، واهڻ، ڳوٺ ۽ روڊ نالي جي پڇاڙيءَ ۾ اچن ٿا. پر ڪوٽ اڳيان ۽ پٺيان ٻنهي مثال ڪنڊ ڪوٽ ۾ پٺيان ۽ ڪوٽ - ڏيجيءَ ۾ اڳيان ٿو اچي.

١٠١ ٻي هڪ خوبي جا نالن جـو ايياس ڪندي اسانکي نظر اچي ٿي اها هيءَ آهي تـه گهڻي ڀاڱي ڳوٺن ۽ شهرن جا نالا ماڻهن جي نالن جي اڳيان يا پٺيان اهي اڳياڙيون يا پڇاڙيون جوڙڻ سان ٺهن ٿا.

### ١٠١٠١ ٽنڊو

ٽنڊو آدم، ٽنڊو محمدخان، ٽنڊو الهيار، ٽنڊو باگو، ٽنڊو ڄام وغيره ۾ آدم، محمد خان، الهيار، باگو، ڄام ماڻهن جا ئي نالا آهن.

### ٢٠١٠١ ڪوٽ

ڪوٽ لعلو، امرڪوٽ، شاهوڪوٽ، اسلامڪوٽ، ڪنڌڪوٽ ۽ ٺٽون ڪوٽ ۾ لعلو، امر، شاهو تـه شخص جا ئي نالا آهن پر اسلام، ڪنڌ ۽ ٺٽون شخص جا نالا نہ آهن.

### ٣٠١٠١ ڳڙهي

ڳڙهي عادوشاهه، ڳڙهي ياسين ۾ عادوشاهه ۽ ياسين تہ شخصي نالا آهن پر پنو ڳڙهيءَ ۾ پنو ڪنهن پر پواز جو سرنيم آهي.

### ٤٠١٠١ ديرو

پنجو ديرو، رتو ديرو، بنگل ديرو ۾ پنجو، رتو ۽ بنگل شخص جا نالا آهن.

### ٥٠١٠١ پور

شڪارپور، شاهپور، مرکپور، ميرپور، خانپور،

اُنڙپور، محرابپور، رانيپور، شهدادپور ۽ ٻيلاپور ۾ شاهه، مرڪ، مير، خان، اُنڙ، محراب، شهداد ۽ ٻيلا ته شخص جا نالا آهن باقي شڪارپور ۽ رانيپور ۾ شڪار شايد شڪار سان واسطو آهي باقي راڻي چئي نٿو سگهجي. جيتوڻيڪ اِمڪان اهو ئي ٿو لڳي ته ڪنهن جو نالو ئي آهي. ڇاڪاڻ ته هندو ۾ اڄ به راڻي مونث نالو ملي ٿو.

### ٦.١.١ آباد

حيدرآباد، خداباد، روشناباد ۾ حيدر، خدا (خدابخش وغيره) ۽ روشن شخص جا ئي نالا آهن.

### ٧.١.١ ڳوٺ

ڳوٺ پڇاڙيءَ سان جڙندڙ نالا به اڪثر ڪري نالن ڪانسواءِ شخص جي نالن ڪانسواءِ شخص جي نالن سان ئي جڙن ٿا. مثال: همايون ڳوٺ، داد لغاري ڳوٺ ۾ همايون ۽ داد لغاري شخص جا ئي نالا آهن. باقي ماڇڪي ڳوٺ ۾ ٿي سگهي ٿو ماڇين جي ذات ٻنيان هجي ۾ جي اِئين هجي ها ته ماڇي ڳوٺ هجي ها. سنڌ کان ٻري هٽڻ ڪري ان باري ۾ ڪجهه پڪ سان چئي نٿو سگهجي. ساڳيءَ طرح ڪوٺلي ڳوٺ به ٿي سگهي ٿو ڪنهن ذات جي ٻنيان هجي.

### ٨.١.١ واهڻ

سنڌيءَ ۾ ننڍڙي ڳوٺ کي واهڻ چئبو آهي.

خانواهڻ ۽ عاليواهڻ ۾ خان ۽ عالي شخص جا نالا آهن ۽ واهڻ اُنهن ڳوٺن جي ٻهاڙي تي ڪم آئي آهي.

۱۰۱۰۹ روڊ

انگريزن جي اچڻ ڪانپوءِ جڏهن سنڌ ۾ ريلوي لائينون نهيون ته ڪي اهڙيون اسٽيشنون نهيون جيڪي ڳوٺن کان ڏور پريون هيون اُنهن کي روڊ ڳنڍي اِسٽيشن جو نالو رکيو ويو. پر پوءِ آهستي آهستي وقت جي دوران ۾ ڳوٺ ئي اسٽيشن ڏانهن وڌندا ويا. سيتا روڊ، لکا روڊ، ڏرگ روڊ، سمرائو روڊ اِسٽيشن جا ئي نالا آهن.

اُنهن کانسواءِ ڪي ٻيا اهڙا به نالا آهن جن سان بندر لفظ جوڙيل آهي. مثال گدو بندر، ڪيٽي بندر ۽ شاهبندر. ٿي سگهي ٿو ٻيا به ڪي اهڙا نالا هجن. اُنهن ۾ گدو بندر جي اِتهاس جي سڌي کي خبر آهي ته حيدرآباد جو قلعو ٺهڻ وقت سنڌو نديءَ جي جنهن ڪپ تي ديوان گدومل جون ٻيڙيون اچي لنگر هڻنديون هيون، اُن جڳهه کي ئي گدو بندر چيو ويو. باقي ڪيٽي بندر ۽ شاهبندر به مان سمجهان ٿو ته ڳوٺن ۽ شهرن جا نالا نه آهن. پر اُن ۾ منهنجي ڄاڻ اڌوري آهي.

۲- بي در جيوار ( Unclassified ) ڳوٺن جا نالا

ڳوٺن ۽ شهرن جا نالا جن جي بناوت جو مٿي ذڪر

ڪيو ويو آهي اُنهن ڪانسواءِ ٻيا ٻه ڪي اهڙا نالا آهن جن کي درجيوار ( classify ) نٿو ڪري سگهجي. پر اُنهن جو اڀياس ڪرڻ سان ڏسبو ته اُهي ٻه ڪنهن نه ڪنهن قاعدي يا سبب تي آڌار رکن ٿا. اهڙن نالن کي هيٺينءَ ريت ورهائي سگهجي ٿو:

## ١.٢ فقط شخصي نالا

جام صاحب، دادو، گدو، مورو وغيره اهڙا نالا آهن جيڪي سواءِ ڪنهن اڳياڙيءَ ۽ پڇاڙيءَ جوڙڻ جي فقط شخصي نالن جي پٺيان ئي مشهور آهن.

## ٢.٢ ذاتين جي نالن پٺيان

گهوٽڪي شهر گهوٽڪ ذات جي پٺيان مشهور ٿيو ته وري لاڙڪاڻو لاڙڪ ذات جي پٺيان سڏيو ويو. ساڳيءَ طرح ٺٽي عاقل وري ٺٽاڻن جي هڪ ذات ٺٽيءَ پٺيان سڏيو ويو.

## ٣.٢ ٻولين جي آڌار تي

١.٣.٢ ڪيترن ڳوٺن يا شهرن جا نالا ڪن ٻولين جي لفظن جي آڌار تي ٺهيا آهن. مثال طور ٻيري، آمري ۽ ڪوٽڙيءَ جو ٻڻ بنياد سنسڪرت ۾ ملي ٿو. دراز، آراضي ۽ باغبان وري فارسي ٻوليءَ جا لفظ آهن. سيٺي ڪان مڙي جي ڳالهه ته اِها آهي ته دراوڙ ٻوليءَ جو لفظ ٽنڊو ٻڻ سنڌيءَ ۾ آهي.

٣. پڇاڙيءَ ۾ ايترو چوڻ ضروري ٿو سمجهان ته

سنڌ کان سوين ميل پري رهي سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي ماڻهن جو اڀياس ڪرڻ ۾ ڪافي مشڪلاتون درپيش آيون اٿم. اِسناد ڪٺي ڪرڻ ۾ اٽڪل ۲۰۰ کـــن ڪتاب ڏسڻا پيا اٿم. اِن ڪانسواءِ ڪيترن ماڻهن جـــي نيڪ اُچار لاءِ ڪيترن ئي سائين ۽ بزرگن مدد ڪئي اٿم. اِن هوندي به مان پڪيءَ پٽ چوان ٿو ته اِن مقالي ۾ ڪيتريون ڪميون آهن. ●

# ورهاڱي جو سنڌي نالن تي اثر

اڄ سنڌين کي سنڌ مان آئي اٽڪل ۳۰ سال ٿيا آهن. ان ٽين پتي صديءَ جي عرصي ۾ گهڻي ڀاڱي سنڌي ٽائيڊڪا ٿي ويا آهن. زندگيءَ جي ڪيترن ئي پهلن کي ڏسجي ته هنن ۾ ڪيترائي ڦيرا آيـــا آهن. تهذيبي نظرئي کان ڏٺو وڃي ته اڄ کان ۳۰ سال اڳ ۾ ۽ اڄ ۾ تمام گهڻي ڦير گهير نظر ايندي. ڀاشـــا وگيان جي خيال کان سنڌي ٻوليءَ جي گهڻن ئي پهلن ۾ آيل ڦير گهير جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو. هت مان فقط سنڌي نالن تي پيل اثرن جو اڀياس پيش ڪيان ٿو.

۱. هن مقالي ۾ ورهاڱي کان پهرين ۽ ورهاڱي کانپوءِ جي سنڌي هندن جي نالن جـــي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. سنه ۱۹۴۷ کانپوءِ سنڌ مان اچڻ کان پوءِ سنڌي

پارٽ جي گھڻي ڀاڱي سيني ڀاڱن ۾ وسي ويا آھن.
پر تنھن ھوندي به مکيه طور مھاراشٽر، گجرات،
راجستان، مڌيه پرديش ۽ اتر پرديش ۾ ئي وسيا آھن.
جتي به سنڌي رھيا آھن، اتي مڪاني ماحول ۽
مڪاني ماڻھن سان انھن جو گھڻو سمبنڌ (contact)
پئي رھيو آھي. سياويڪ آھي ته سنڌين تي ھنن جو
اثر پئي تيو آھي. ھيءَ اثر بين ڳالھين سان گڏوگڏ
سنڌي نالن تي ٻڻ تيو آھي. ھتي سنڌي نالن تي پيل
اثر جي مکيه پھلن (Prominent trends) جوئي اڀياس
ڪيو ويو آھي. اشتشنا ( Exception ) کي ھتي خيال
۾ نه رکيو ويو آھي.

٢. ھن مقالي ۾ پيش ڪيل اوائلي اسناد
( Basic data ) سينٽ ميران ھاءِ اسڪول پوني مان
کنو ڪيو ويو آھي. اسڪول ١٩٤٨-٤٩ ۾ شروع تيو.
اسڪول جو جنرل داخلا رجسٽر ئي ھن اسناد جو مکيه
وسيلو رھيو آھي. ھن اسڪول ۾ پڙھندڙ سڀ شاگرد
سنڌي آھن. ھن اسڪول ۾ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٻئي
پڙھندا آھن. جيئن ته داخلا رجسٽر ۾ شاگردن جي جنم
جي تاريخ ۽ جمڻ جو ھنڌ درج ڪيل آھي. انڪري
سيني سنڌي نالن کي ٻن گروپن ۾ ورھائڻ سولو ھو.
شروعات ۾ انيس سوچيو ويو ھو تہ فقط مٿي ڄاڻايل
اسڪول مان گڏ ڪيل اسناد جي آڌار تي ئي ڪڍيل
نتيجا ھن مقالي ۾ درج ڪيا ويندا. پر جيڊ (analysis)

ڪرڻ تي ائين ڏنو ويو ته فقط اِن محدود اسناد جي آڌار تي ڪيترا عيان (obvious) نتيجا نٿي ملـيا. انڪري ٻئي اسناد جنهن ٿائين ليکڪ جي پهچ هئي ان کي پڻ ڪتب آندو ويو آهي.

٣. اِن کان اڳ ته مان مقالي جي وچور (details) تي اچان، مان سمجهان ٿو ته سنڌي نالن جي بناوت تي روشني وجهڻ ضروري آهي.

اسانجا سنڌي نالا ٻن جزن (elements) جا ٺهيل آهن. رواجي طرح سنڌي نالن جو پهريون جزو تي ائين سمجهڻ کپي ته نالي جو مکيه ۽ اهم جزو آهي ۽ ٻيون جزو ان جي پڇاڙيءَ طور ڪتب اچي ٿو. هن ڳالهه کي ڪجهه مثال ڏيئي سمجهائي سگهجي ٿو. ڪشن - چند، چيت - مل، رام - داس، هوند - راج، چيتو - مل، صاحب - سنگهه، وغيره نالن ۾ اصلي نالا ڪشن، چيتو يا چيت، رام، هوند، چيتو ۽ صاحب وغيره آهن. پر جيڪي انهن نالن ۾ چند، مل، داس، راج، سنگهه وغيره جڙا ڳنڍيل آهن، اهي ٻارڻ کان عمر يا عهدي (status) ۾ وڏي لاءِ عزت ڏيڻ جي حالت ۾ ڪتب آندا ويندا آهن.

هت ان حقيقت جو بيان ڪرڻ ضروري آهي ته ڪنهن وقت اهو ٻيون جزو سڄي نالي جو اڻ ونڊيو (integrated) حصو هو. مثال رامداس معنيٰ رام جو

داس يا ڀڳت، جڳتراءِ معنيٰ سنسار تي راڄ ڪندڙ يا پرسو رام جو هڪ پراڻڪ ڪردار وغيره. پر وقت جي دوران ۾ نالن جي انهن ٻنهي نمبر جزن پنهنجي معنيٰ وڃائي ڇڏي ۽ رسمي ( fossilized ) ٿي پيا. (هن باري ۾ وڌيڪ پڙهو ڊاڪٽر يشوڌرا واڌواڻيءَ جو مقالو ڇپيل هندواسي سنڌي ويڪلي ١٥ اپريل ١٩٧٣ع).

مونث نالن ۾ ٻه نالن جو ٻيون جزو ديوي، ٻائي، ڪؤر، يا ڪماري مان ڪو به هڪ ٿي سگهي ٿو.

## ا- سنڌي نالن جو ورگيڪرڻ

مذڪر نالن جا ٻيان جزا اٽڪل ٻارهان آهن. رام، داس، مل، چند، لعل يا لال، راءِ، راڄ، ڪمار ۽ دت پر مونث نالن جا ٻيان نمبر جزا ڪل چار آهن. ديوي، ڪؤر، ٻائي ۽ ڪماري. پر مونث ۽ مذڪر نالن جا پهريان جزا محدود نه آهن. پر اهي ڪي خاص ڪارب ( Patterns ) ڏيکارين ٿا جن جو بيان هيٺ ڪجي ٿو.

### ١٠١ هفتن جا ڏينهن

ورهاڱي کان اڳ منگلداس ۽ ٻڌرمل نالا چڱا عام هئا. اهي ٻئي ورهاڱي کانپوءِ نٿا ملن.

### ٢٠١ سالن جا مهنا

سنڌ ۾ ڪيترائي اهڙا نالا رکيا ويندا هئا ۽ انهن نالن جو انداز به چڱو گهڻو مليو آهي. چيٽومل،

چيٽي ٻائي ۽ چيتمل، چيني ٻائي، سانوڻ مل، آسومل، ٻوهومل، ڦگڻ مل، منگهن مل، منگهومل، منگهي ٻائي تمام گهڻو عام هئا، پر عجب جي ڳالهه آهي ته اهي نالا ورهاڱي جي لِساد ۾ نه ٿا ملن. تي سگهي ٿو تـــه مهراجن اهي نالا رکيا هجن پر مائٽن يا خود ٻارن پنهنجا نالا مٽائي وڌيڪ هاڻوڪا نالا رکيا هجن.

### ٣.١ قدرت

ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کان پــوءِ جي سنڌي نالن ۾ ڪيترائي اهڙا نالا ملن ٿا جن جو قدرت جـــي ڪنهن نه ڪنهن پدارٿ سان سڌو واسطو آهي. هتي انهن مان مکيه پدارٿن تي روشني وڌي ويندي.

### ١.٣.١ سج

ورهاڱي کان اڳ جي نالن ۾ فقط سورجمل ئي هڪ اهڙو نالو مليو آهي جنهنجو واسطو سج ســـان آهي. ورهاڱي کانپوءِ سورجيان، روي ۽ ڀاسڪر اهـــڙا نالا آهن جي نوان داخل ٿيندڙ (Entrants) آهن.

### ٢.٣.١ چنڊ

ورهاڱي کان اڳ چندر، چندرو، چاندومل، چڱا عام مذڪر نالا هوندا هئا. پر ورهاڱي کانپوءِ انهن وڌ ڪ شڌ سنسڪرت جو روپ اختيار ڪيو آهي.

### ٣.٣.١ برهم ڦتي

سنسڪرت ۾ برهم ڦتيءَ کي اُشا چئبو آهي. اُشـــا

نالو ورهاڱي کانپوءِ ۽ ورهاڱي کان اڳ ڇڱو ملي ٿو.

### ۴.۳.۱ تارا ۽ نڪشتر

ورهاڱي کان اڳ جو اِسناد ڏيکاري ٿو ته تارا مونث ۽ مذڪر نالا رکڻ جو ڪافي سولو وسيلو (Source) هئا. تارو، تاراچند، تارومل وغيره ڪافي عام هوندا هئا. پر ورهاڱي کانپوءِ هيءَ نالا منهنجي اسناد ۾ نٿا ملن. ٿي سگهي ٿو ته ڪي اِڪڙ ٻِڪڙ نالا هجن.

مونث نالن ۾ تارا نالو ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کانپوءِ ساڳيو ئي استان رکي ٿو.

### ۱.۴.۳.۱ نڪشتر

مولو، مولچند، مولراءِ، مذڪر نالا ۽ مولي ٻائي مونث نالو مول نڪشتر جي پٺيان ئي رکيل آهي. پر ورهاڱي کان پوءِ اهي نالا نٿا ملن. اڄڪلهه مونث نالن ۾ روهڻي نالو به ملي ٿو.

### ۵.۳.۱ نديون

ورهاڱي کان اڳ گنگا، جمنا ۽ سرسوتي مونث نالا عام جام هوندا هئا. ساڳيءَ طرح گنگارام ۽ جمناداس پڻ چڱي انداز ۾ هوندا هئا. اهي سڀ نالا ورهاڱي کان پوءِ پڻ لڳ ڀڳ ساڳيءَ جهجهائيءَ ۾ ملن ٿا.

اها هڪ عجب جي ڳالهه آهي ته سنڌو نديءَ جي نالي پنيان ڪو به نالو منهنجي اسناد ۾ ڪو نه مليو. پر پوءِ خبر پيئي ته ڪي ٻار اهڙا به آهن جن جو نالو

سنڌو آهي. نه فقط اهو پر اها به خبر پيم نه ڪي سال اڳ ٻمبئيءَ جي سنڌي ساهتيڪارن پنهنجي ڏيئرن جا نالا سنڌو رکيا.

ٻيو هڪ نالو جو ڇوڪرين جو ملي ٿو سو آهي ڪرشنا. منهنجي ويچار موجب اهو نالو ڪرشنا نديءَ پٺيان نه پر ڀڳوان ڪرشن جي نالي پٺيان رکيل آهي.

سنڌي مذڪر نالن ۾ ٻيا نالا ريوو، ريواچند يا ريوومل ملن ٿا. جنهنجو سڌو ٻڌ لاڳاپو آهي ريوا سان. هن نالي ۾ به امڪان (Possibilities) آهن. يا تـه هن جو واسطو گجرات ۾ نربدا نديءَ جـي ٻئي نالي ريوا سان آهي يا وري ريوتي نڪشتر سان آهي. اهو نالو ورهاڱي کان پوءِ جي نالن ۾ ڪونه ٿو ملي.

### ۱.۳.۶ گل ۽ وڻ وغيره

گلن جي نالي پٺيان نالا رکڻ جو سنڌ ۾ عام رواج هو. ٻنبيا، گلي ۽ چمپا وغيره ورهاڱي کان اڳـ چڱا مشهور نالا هوندا هئا. اهي نالا هاڻي ڪونه ٿا هلن. هڪ ٻيو نالو گلابسنگهه ورهاڱي کان پـوءِ نئون داخلو (New entrant) آهي.

وڻن جي نالن پٺيان چندن مل ۽ چندني نالا ملن ٿا. جي مان سمجهان ٿو ته چندن جي وڻ مان آهن. هي نالا ساڳيءَ جهجهائيءَ (Frequency) ۾ ملن ٿا.

### ٤٠.١ هيرا، جواهر، ڌاتو ۽ ڳهڻا

مٿين وسٽن ۾ پڻ سنڌي نالا رکڻ جو رواج سنڌ ۾ هو. انهن قسمن جا نالا مونث ۽ مذڪر ٻنهي لاءِ رکيا ويندا هئا.

### ١.٤٠.١ جواهر (Gems)

موتي، موتيرام، موتيلعل، رتن، رتنچند، جواهر، جواهرلعل، جوهرمل، هيرو، هيرالعل، هيرانند، ماڻڪمل، لعل، لعلچند، لالو وغيره نالا ورهاڱي کان اڳ عام جام هوندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ جي نالن ۾ فقط هڪ خاص قسم گهير نظر آئي آهي. سا آهي تہ انهن نالن پنهنجو ٻيون جزو چڏي ڏنو آهي. منهنجي اسناد موجب گهڻي ڀاڱي نالا فقط موتي، جواهر، لعل وغيرهَ ئي ملن ٿا. رتن يا رتنچند وڏيڪ شڌ سنسڪرت ٿي ويا آهن. يعني رتن، رتنچند.

مونث نالا هيروُ، رتنا، لعلي، لعلي بائي ورهاڱي کان اڳ چڱا عام هئا. پر ورهاڱي کان پوءِ رتنا ۽ هيرو وڃي بچيا آهن.

### ٢.٤٠.١ ڳهڻا ۽ ڌاتو

چاندي بائي ورهاڱي کان اڳ جي لسٽ ۾ ملي ٿو. پر پوءِ جي لسٽ ۾ نہ ٿو ملي.

نٿو، نٿرمل، ٻولو، ٻولچند، ۽ ٻولومل وغيره سنڌي نالا ورهاڱي کان اڳ عام جام هوندا هئا. منهنجي

محدود اِسناد ۾ اهي ورهاڱي کان پوءِ نه ٿا ملن.

۳.۴.۱ ڪوڏ

ڪوڏو سنگهه، ڪوڏومل نالا سنڌ ۾ رکيا ويندا هئا. انهن جو واسطو ڪوڏ سان آهي. پر ورهاڱي کانپوءِ اهي نه ٿا ملن.

۴.۴.۱ سون

سنسڪرت ۾ سون کي ڪندن چئبو آهي. ڪندنداس، ڪندومل ۽ ڪندن سنڌ ۾ عام نالا هئا. پر ورهاڱي کانپوءِ فقط ڪندن ٿو ملي.

۰.۲ ويچار يا گڻ

ڪيترا نالا ويچار يا گڻ تي ٻڌل آهن. انهن جو اڀياس هيٺ ڏجي ٿو.

۱.۲ صفتي

سندري، گڏي، نرملا وغيره نالا ڪنهن گڻ يا صفتي روپ تي آهن. هن قسم جا مونث ورهاڱي کان اڳ چڱي انداز ۾ مليا آهن. ساڳيءَ طرح سندر، روپو، گڏو، ڪرپال وغيره مذڪر نالا آهن. اهي نالا ورهاڱي کان پوءِ شڌ سنسڪرت روپ ۾ ملن ٿا. جيئن ڪرپال وغيره.

۲.۲ ويچار

مونث نالا گياني، سکي، پريت، پريمي وغيره ۽ مذڪر نالا گيان، گيانچند، خوشيرام، پريم، پريمچند

وغيره ورهاڱي کان اڳ چڱا مشهور هئا. منهنجي محدود اسناد ۾ فقط گيان ۽ ٻريم ورهاڱي کان پوءِ ملـــن ٿا. مونث نالن ۾ جوتي، نيتا وغيره ڪيترا نوان داخلو آهن.

### ۳.۲ انڌ وشواس

سنڌ ۾ ڪنهن کي ٻار نه ٻچندو هو ته ان حالت ۾ ٻچي، ٻچندي يا ٻچو يا ٻچومل نالا رکيا ويندا هئا. يا وري ٻار نه ٻچڻ جي حالت ۾ ڄمڻ وقت مــــرچ، پڳڙا يا ٻصر وغيره ورهايا ويندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ رکيل نالا مرچو، مرچومل، پڳڙو، پڳڙومل، ٻصر، ٻصرمل وغيره رکيا ويندا هئا. پر هيءَ نالا ورهاڱي کـان پوءِ نه ٿا ملن.

## ۳. پراڻڪ ( Mythological ) ۽ تواريخي

هيٺين ٻنهي قسمن جي نالن جو رواج سنڌ ۾ هو.

### ۱.۳ پراڻڪ

رام، ڪشن، ڪرشن، ڪشنو مـــل، ڪشنچند، رامچند، اِندر، اِندرو، ايشور، ايسر، ڪملا، جانڪي، رکي، رکمڻي، نالا ورهاڱي کان اڳ چڱا عام هئا. اهي نالا ورهاڱي کان پوءِ شڌ سنسڪرت روپ ۾ ملن ٿا. جيئن ڪشنو - ڪشن - ڪرشن ( कृष्ण ) ٿـــا ملن ۽ ڪشنچند ٿي پيو آهي ڪرشنچند ( कृष्णचन्द्र ).

مونث نالن ۾ پڻ ساڳئي موجب ڪشنا (कृष्णा) ٿي پيئي آهي.

### ۲۰ تواريخي

اشوڪ، ارجن، پرتاب وغيره تواريخي نالا آهن. هيءُ به ورهاڱي کان پوءِ سنسڪرت روپ ۾ ملن ٿا.

### ۴. گڏا جوڙ يا ڳاڏڙ جوڙ (Hybrid formations)

سنڌيءَ ۾ ڪيترائي اهڙا نالا آهن جيڪي عربي - فارسي ۽ سنسڪرت جي گڏيل لفظن مان ٺهيل آهن. اهڙن نالن جو هيٺئين نموني اڀياس ڪري سگهجي ٿو.

### ۱.۴ سنسڪرت ۽ عربي - فارسي

گربخش ۽ هربخش به اهڙا نالا آهن جن ۾ نالي جو پهريون جزو سنسڪرت ۽ ٻيون عربي فارسي آهي. هيءُ ٻئي نالا ورهاڱي کانپوءِ نٿا ملن.

### ۲.۴ عربي - فارسي ۽ سنسڪرت

هن قسم جي نالن ۾ پهريون جزو عربي - فارسي ۽ سنسڪرت آهي. فتح - چند، خان - چند، حڪومت - راءِ، حشمت - راءِ، تخت - رام، بخت - رام، حقيقت - راءِ. ورهاڱي کان پوءِ جي اسناد ۾ متين نالن مان هڪ به نٿو ملي.

هڪ ٻي ڳالهه جنهن جو واسطو هربخش ۽ گربخش جهڙي نموني وارن نالن سان آهي تنهنجو بيان هت ڪرڻ ٻي. جاءِ نه ٿيندو. سنڌ ۾ ڪيترا نالا رام ڏنو، امر ڏنو، ڏيوي ڏنو، دولهه ڏنو وغيره نالا به ورهاڱي کان پوءِ نٿا ملن. (دولهه ڏنو اڳتي هلي دلهدو ٿي ويو.)

### ٥. سنڌي نالن تي ڪجهہ مکيہ اثر

هندستان ۾ اچڻ کان پوءِ سنسڪرت ۽ هندي، گجراتي، مرهٽي وغيره ٻولين جي ويجهو اچڻ جي ڪري اسان تي اُنهن جو ڪيترو اثر پيو آهي ۽ اسان پنهنجن نالن کي سنسڪرت جي وڌيڪ ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن اثرن کي هيٺئين نظرئي کان اڀياس ڪيو ويو آهي.

### ١.٥ ڀچاڙيءَ واري سر جي گهٽائي غائب

ڪلان، ميران، راڌان، سيتان، ليلان، چندران، وغيره ڪيترا نالا آهن جيڪي سنڌ ۾ تمام گهڻو عام جام هئا. پر ورهاڱي کان پوءِ انهن نالن جي ڀچاڙيءَ واري سر جي گهٽائپ گم ٿي وئي آهي ۽ ڪلا، ميرا، راڌا، سيتا، ليلا، چندرا ٿي پيون آهن.

### ٢.٥ سنسڪرت روپ

جيئن اڳ ۾ ٿي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪشنچند هتي اچي ڪرشنچندر ٿي پيو آهي تيئن اهڙي قسم گهڻن ٻين نالن ۾ پڻ آئي. پرڪاش، پرتاب وغيره شڌ سنسڪرت ٿي پيا آهن. گورڌن گووردن ٿي پيو آهي.

### ١.٢.٥ نالي جي ٻئين جزي تي اثر

ورهاڱي کان پوءِ نالي جو ٻيون جزو گهٽي ۾ گهٽ اثر هيٺ آيو آهي. مذڪر نالن ۾ مل، داس ۽ بخش تہ چڻ بلڪل غائب ٿي ويا آهن پر رام، نند، لعل، راءِ،

راڄ ۽ سنگهه وري به ٿوري ڪي گهٽي انداز ۾ اچڻ
به ڪتب آندا وڃن ٿا. پر ان قطار ۾ وري هڪ ٻيو
اضافو ( New entrant ) آهي ”ڪمار“ جنهنجو نالو
اڄ ڪلهه تمام گهٽجو وڃيل آهي. ورهاڱي کان اڳ ڪمار
بلڪل نٿو ملي. جيتوڻيڪ هڪ مثال ۾ ڪمار اڪيلو
نالي جي روپ ۾ يعني ٻهرئين جزي جي روپ ۾
ملي ٿو.

۲۰۳۰۵

مونث نالن ۾ پڻ بائي، ڪؤر ۽ ديوي نٿا ملن. پر
”ڪماري“ هتي به جهجهي انداز ۾ ملي ٿي.
ٻين ڪن پراڻن جي نالن جو اڀياس ڏيکاري ٿو ته
”ڪمار“ ۽ ”ڪماري“ هتي هتي اڳ ۾ ئي نالي جي
ٻنهين جزي جي روپ ۾ هلندڙ هئا. انگريزي ٿي سگهي
ٿو سنڌي انهن کان متاثر ٿيا هجن. ٻي ڳالهه لـــ ٿي
سگهي ٿو ته فلمي اداڪارن جي نالن کان به متاثر ٿيا
هجن جن ۾ اڪثر ڪمار ۽ ڪماري ڪنهن وقت جهجهي
انداز ۾ هئا.

٦. جڏهن ڪا به قوم يا جاتي پنهنجي اصلي ڀونءِ
تان اکڙجي ٻيءَ ڀونءِ تي پنهنجا خيما کوڙي ٿي تڏهن
شروعاتي دؤر ۾ ان قوم ۾ پنهنجي اصلي ڀونءِ ڏانهن
ڏاڍي ڇڪ رهي ٿي. پر آهستي آهستي وقت جــــي
دوران ۾ ڇڪ ۽ سڪ جي ماترا ۾ ٿوري تبديل اچي

ٿي. ان ثبديلي ۾ اضافو ٿئي ٿو نئين پيڙهيءَ جي جنم سان. اها نئين پيڙهي نئين پوڙهيءَ کي پنهنجي پوڙهي سمجهي سگهي ٿي ۽ ان نئين مڪاني ماحول کي پنهنجو ماحول ۽ ائين هر نئين پيڙهيءَ سان اهو اثر وڌندو وڃي ٿو. اسانجي پارسي جو ۽ خود سنڌ جو اتهاس شاهد آهي ته ڪيتريون جاتيون ۽ قومون ٻاهران آيون ۽ اهي ان پوڙهيءَ ۾ ايتري قدر متجي ويون يا ملي ويون جو اڄ انهن جو ڪو به الڳ نالو نشان نه آهي ۽ نه ئي سندن الڳ هستيءَ جا ڪي اهڃاڻ باقي بچيا آهن.

مٿين حقيقت جي پس منظر کي ڌيان ۾ رکي هڪ سماجڪ ڀاشا وگياني‌ءَ جي نظرئي کان هتي هڪ نموني طور اڀياس (Sample Survey) ڪيو ويو آهي. هن ننڍڙي مقالي جي آڌار تي مان ڪي به نتيجا قوم مٿان مڙهڻ نٿو چاهيان. جيتوڻيڪ ان حقيقت کان انڪاري نٿو ٿي سگهجي ته هيءُ ننڍڙو نموني طور اڀياس (Sample Survey) ان ڳالهه ڏانهن اشارو ته ضرور ڪري ٿو ته اسانجي سنڌي نالن تي به ورهاڱي جو چڱو اثر پيو آهي. هت هڪ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ جوڳي آهي ته اسانجا سنڌي نالا اسانجي تهذيب ۽ تمدن جو هڪ اڻ ونڊيو حصو آهن. انڪري انهن تي جيڪڏهن ڪو اثر مڪاني ماحول جو پيو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ائين چئي سگهجي ٿو ته سنڌي قوم ٽيهن سالن جي عرصي

۽ مڪاني ماحول کان متاثر ٿي آهي. اهي اثر خراب آهن يا سٺا ، اهي اثر اسانجي جذب ٿــي وڃڻ جا اهڃاڻ آهن يا نه ، ان نتيجي ڪڍڻ لاءِ هيءُ ننڍڙو مقالو ايتري جرئت نٿو ڪري سگهي. مان جيڪر چاهيان ته هيءُ وقت آهي جڏهن اهڙي قسم جا پيا ۽ ايياس ڏرمي مهتائن جي ڪيترن ۽ ٻ سماجي ويچار ڌاراٺن جي ڪيترن ۽ ٻ ٻوليءَ جي ڪيترن ئي پهلن جــا ايياس ڪيا وڃن ته جيئن سنڌي قوم جي نبض جي ڪا ڄاڻ پئجي سگهي ٿي. ●

# ● سنڌيءَ جا عزازتي لفظ

هن ننڍڙي مقالي ۾ سنڌيءَ جي عزازتي(Kinship) لفظن جو ابياس ڪيو ويو آهي. اهي لفظ سنڌي ٻوليءَ جي وچولي اپڀاشا جا آهن. جا ئي سنڌيءَ جي معياري (Standard) اپڀاشا آهي. سنڌيءَ ۾ گهڻو ساهت به ان اپڀاشا ۾ ئي آهي.

عزازتي اِشارن لاءِ هيٺ ڏنل اِشارا (abbreviations) ڪتب آندل آهن.

| | |
|---|---|
| ١. مائٽ | ماءِ |
| ٢. ماءُ | ما |
| ٣. پيءُ | پي |
| ۴. پٽ | پ |
| ۵. ڌيءُ | ڌي |

| | |
|---|---|
| ٠٦ ياءُ | يا |
| ٠٧ ڀيڻ | ڀي |
| ٠٨ مڙس | مڙ |
| ٠٩ زال | زا |
| ١٠. سنڌي ٻولي | س. ب. |

هن مقالي لاءِ مان پروفيسر (ڊاڪٽر) اشوڪ ڪليڪر جو شڪرگذار آهيان، جنهن هن مقالي لکڻ لاءِ همت-افزائي ڪئي. نه فقط ايترو پر مون سندس ئي ماڊل تي (جو مراٺي عزازتي لفظن تي لکيل آهي) هيءُ مقالو لکيو آهي. مان ڊاڪٽر ملهوترا جو پڻ شڪرگذار آهيان جنهن انترا ڀالاجيءَ جي مدهنجي ڪيترن ئي مسئلن کي حل ڪيو. مان ڊاڪٽر يشوڌرا واڌواڻيءَ ۽ شري گووردن شرما جو پڻ شڪرگذار آهيان. جن پڻ هن مقالي لاءِ ڪيترين ئي ڪارگر صلاحون ڏنيون آهن. ڊرمر پتديءَ پشپا پڻ انيڪ صلاحون ڏنيون اٿم.

هن مقالي ۾ تلهي ليکي ۾ خاص ڳالهين جي آڌار تي ورڇ ڪرڻ ڪيو ويو آهي. اهي عزازتي لفظ جنهجو واسطو رت جي رشتي سان آهي ۽ ٻيا جيڪي شاديءَ ڪري عزازتي لفظ ٿين ٿا يعني (affinals)

## الف- ٽڙ ۽ پڙ ماٺت

١. پي. پي- پي. پي- ٽڙ ڏاڏو عام واهپي وارو لفظ آهي. سڏ ڪرڻ لاءِ يا ٽڙ ڏاڏي جو حوالو ڏيڻ لاءِ

” بابا وڏا “ يا ” بابو وڏو“ لفظ ڪتب ايندو آهي .

۲. پي. پي. پي. ما - ٽڙ ڏاڏي عام واهپي وارو لفظ آهي. پر سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ آهي ” امان وڏي.“

۳. پي. پي. پي - پڙ ڏاڏو عــام واهپي وارو لفظ آهي. سڏ ڪرڻ لاءِ يا پڙڏاڏي جــو حوالي طور ڪم ايندڙ لفظ ”وڏا بابا“ يا ” وڏو بابو“ آهي .

۴. پي. پي. ما - پڙ ڏاڏي عـــام واهپي وارو لفظ آهي. سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي طور ڪتب آڻــڻ لاءِ ” امان وڏي“ لفظ آهي .

۵. پي. پي - ڏاڏو عام واهپي وارو لفظ آهي. سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي طور ڪتب آڻڻ لاءِ ” بابا “ يــا ” بابو“ لفظ آهي. پراڻي سنڌيءَ ۾ ڏاڏا پــڻ مٿين حالتن ۾ ڪتب ايندو هو. عزت وارو لفظ (Honorific) ” بابا جن“ لفظ آهي. طعنو ڏين (Ironical) بـــ ڏاڏا ڪتب ايندو آهي. پار لاءِ يا ڇوڪر لاءِ جيڪو وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري. مثال : ” نهيو هاڻي ڏاڏا بس ڪر“ يا ” آيو آهي ڏاڏو ڪٿان جو.“

۶- پي. ما - عام واهپي جو لفظ آهي ڏاڏي. سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي طور ڪتب آڻڻ لاءِ ” امان“ يــا ” امين“ ڪتب ايندو آهي. پراڻي سنڌيءَ ۾ انهـــن استعمالن لاءِ ڏاڏي پڻ ڪتب ايندو هو. عزت وارو

لفظ ”امين جن“ يا ”امان جن“ آهي. طعنه زن ان ڇوڪريءَ لاءِ جيڪا وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري. ”بس ڪڙي هاڻي ڏاڏي.“ وغيره.

٧. ماءُ پيءُ پيءُ - ڏاڏو عام واهپي جو لفظ آهي.

٨. ماءُ پيءُ پيءُ ماءُ - ڏاڏي عام واهپي جو لفظ آهي.

٩. ماءُ پيءُ پيءُ - ڏاڏو عام واهپي جو لفظ آهي.

١٠. ماءُ پيءُ ماءُ - ڏاڏي عام واهپي جو لفظ آهي.

١١. ماءُ پيءُ - عام واهپي جو لفظ نانو. سڏ ڪرڻ لاءِ ”نانا.“ عزت وارو استعمال ”نانا جن.“

١٢- ماءُ ماءُ - عام واهپي جو لفظ ناني. عزت وارو واهپو ”ناني جن.“ اڄڪلهه نئون رواج نانيءَ کي سڏ ڪرڻ جو ”امان“ پڻ آهي.

١٣- پيءُ - بابو عام واهپي وارو لفظ آهي. عزت وارو لفظ آهي ”بابا جن“ سڏ ڪرڻ وارا لفظ آهن ”بابا“، ”دادا“، ”بائو“، ”ڪاڪا“. اڄڪلهه ”ڊئڊي“، ”پاپا“ يا ”ڊئڊ“ وغيره به عام ٿيندا پيا وڃن. ساهتيه ۾ يا عزت وارو واهپو هندن لاءِ ”پتا صاحب“ ۽ مسلمانن لاءِ ”والد“ يا ”والد شريف“ پيار وارو لفظ (endearing) آهي ”بابا“ يا ”بابل“.

١٤. ماءُ - عام واهپي وارو لفظ آهي ”امان“. هندو عزت وچان چون ”ماتا“ يا ”ماتا صاحب“، مسلمان چون ”والده“ يا ”والده شريف“. ڪو به اڻ واقف

ڪنهن بزرگ، ڪرڙوڻ يا ٻڍيءَ کي ”امان“ يا ”امڙ“ چئي سڏ ڪندو. پيار وارو لفظ به آهي ”امڙ“.

۱۵. پيءُ يا - عام واهپي وارو لفظ ”ڪاڪو“. جمع ”ڪاڪا“. سڏ ڪرڻ لاءِ به ”ڪاڪا“ لفظ ڪم اچي. ڪنهن به اڻ واقف کي سڏ ڪرڻ لاءِ ”ڪاڪا“ ڪم ايندو آهي. پراڻي سنڌيءَ ۾ پيءُ ياءُ وٽي لاءِ ”بابو“ ڪم ايندو هو. پر جديد سنڌيءَ ۾ اهو لفظ ان معنيٰ ۾ ڪتب نه ايندو آهي. باقي لعل جا پوڄاري چاچي کي بابو چوندا آهن. ڪن ڪن هنڌ پيءُ ياءُ کي چاچو به چوندا آهن. پر اهو ڪاڪي جيترو عام نه آهي. ڪن ڪن هنڌ پيءُ جي وڏي ڀاءُ کي ”دادو“ به چوندا آهن.

۱۶. پيءُ ياءُ زال - عام واهپي وارو لفظ ”چاچي“. جمع ”چاچيون“ پر سڏ ڪرڻ لاءِ ”چاچي“ يا ”ٻاٻي“ لفظ ڪتب ڪونه ايندا آهن. ان لاءِ گهڻي ڀاڱـــي ”ٻاٻي“ لفظ ڪتب آندو ويندو آهي.

۱۷. پيءُ ڀي - عام واهپي جو لفظ ڦڦي/ ڦپي. جمع ڦڦيون يا ڦپيون. سڏ ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪري دادي يا ڪٿي ڪٿي ”ٻڻي“ به چيو ويندو آهــي. خيرپور ميرس پاسي ”ٽاٽي“ پڻ چيو ويندو آهي. جزوي حالتن ۾ ”بوٽا“ پڻ ڪتب آندل آهي.

۱۸. پيءُ ڀيءُ مڙس - عام واهپي جو لفظ ”ڦڦڙ“ يا ”ڦپڙ“. سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي ۾ ڪتب آڻڻ لاءِ پڻ

ڀڻيءَ يا ڀڻيڙ.

١٩. ما. پا - عام واهپي جو لفظ ”مامو“جمع ”ماما“. سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي طور ”ماما“. عزت وارو واهپو ”ماما جن“.

٢٠. ما. پا. زا - عام واهپي جو لفظ ”مامي“. جمع ”ماميون“ سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ آهي ”مامي“.

٢١. ما. ڀي - عام واهپي جو لفظ ”ماسي“. جمع ”ماسيون.“ سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ آهي ”ماسي.“

٢٢. ما. ڀي. مڙس - عام واهپي جو لفظ ”ماسڙ.“ جمع ”ماسڙ.“ ڪي ڪي اڄڪلهه سڏ ڪرڻ وقت ”دادا“ لفظ ڪتب آڻيندا آهن. پر ٻيءَ طرح سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ ”ماسڙ“ آهي.

## ب - (Ego's) جي پيڙهي

١. ڀي - عام واهپي وارو لفظ ڀيڻ يـــا ڀيڻ. جمع ڀينر. پراڻيءَ سنڌيءَ ۾ ننڍيءَ ۽ وڏيءَ ڀيڻ جـــي عزازتي لفظن ۾ فرق هوندو هو. وڏي ڀيڻ لاءِ ادي يا دادي لفظ ڪتب ايندا هئا. پر اڄ ڪلهه جي سنڌيءَ ۾ پرٿيل ۽ اڻ پرٿيل ڀيڻ ۾ ٿورو فـــرق ڪيو ويندو آهي. خاص ڪري پرٿيل ڀيڻ (Ego) کان وڏي هجي ته اُن کي دادي يا اڄڪلهه ديديءَ جو پــڻ رواج

وڏندو پيو وڃي. ڀاڻ کان ننڍيءَ ڀيڻ کي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪو خاص لفظ ڪونه آهي. پر گهڻو ڪري ان کي نالي سان ئي ڪوٺيو ويندو آهي. ڀيڻ يا ادي لفظ جو استعمال ڪنهن اڻ واقف استريءَ کي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪو به مرد يا استري پڻ ڪندا آهن.

۲. پيءُ. مڙس- عام واهپي وارو لفظ پيٽيو يو آهي. جمع پيٽيوريا. پر اڄڪلهه عام واهپي جو لفظ "جيجاجي" به ٿيندو ٿو وڃي. سڏ ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪري "دادا" آهي. پر اڄڪلهه "جيجاجيءَ" جو رواج وڌندڙ آهي.

۳. ڀا- عام واهپي وارو لفظ ڀاءُ. جمع ڀائر. سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي لاءِ ڪتب ايندڙ لفظ "ڀائو"، "ڀا" يا "ڀاءُ" يا "دادا" پڻ آهي. پراڻيءَ سنڌيءَ ۾ ادا پڻ وڏي ڀاءُ لاءِ ڪتب ايندو هو. پر هاڻي ننڍي ڀاءُ ۽ وڏي ڀاءُ جي وچ عزازتي لفظن ۾ ڪو فرق ڪونه رهيو آهي. پر "ڀائو" يا ڪن ڪن حالتن ۾ "ادا" لفظ پڻ اڻ سڃاڻل کي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪتب ايندو آهي. خاص ڪري ڏالون ڪنهن اڻ واقف مرد کي سڏ ڪرڻ لاءِ يا ڪجهه ٻڌڻ لاءِ ڪتب آڻيندڙون آهن. مثال طور: "ڀائو ٻڌائي سگهندا ته فلاڻي جو گهر ڪٿي آهي؟" پر اڄ ڪلهه "ڀائو" پنهنجو اهو استعمال آهستي آهستي وڃائي رهيو آهي. ڀاءُ لاءِ پيار وارو لفظ آهي "ڀاءُڙا."

۴. ياءُ ڙا - عام واهپي وارو لفظ ”ياڻــي.“ جمع ”ياڻيون“ سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي طور ڪتب آڻــڻ لاءِ لفظ ٻہ ”يائي“ آهي. ڪن ڪن هنڌ حوالي طــور ڪم آڻڻ لاءِ ”ياڄائي“ لفظ بہ ڪتب آندو ويندو آهي. ڪن ڪن هنڌ ماءُ کي، چاچيءَ کي يا ڪنهن اڌواقف عورت کي بہ ”يائي“ سڏيو ويندو آهي .

٥. ماءُ ياءُ پ - ”ماروٽ“ يا ”ماماٽ“ عام واهپي وارا لفظ آهن. حوالي طور سڏ ڪرڻ لاءِ رواجي طــرح نالو وٺي سڏ ڪيو ويندو آهي. پر ڪن خاص حالتن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ”ماروٽ ڪهڙو حال آهـي؟“ ”ماروٽ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“ وغيره. عزت جي خيال کان ٻاڻ کان وڏي ”ماروٽ“ کي ”ماما“ ڪري بہ سڏ ڪيو ويندو آهي پر ڪن جزوي حالتن ۾.

٦. ماءُ ياءُ ڌي - عام واهپي جـو لفظ ”ماروٽ“، ”ماماٽ“ يا ”ماروٽڙ“ آهن. سڏ ڪرڻ لاءِ ڪوئي لفظ نہ آهي .

٧. ماءُ ڀيءُ ڌيءَ - عام واهپي وارو لفظ ”ماساٽ“ جمع ”ماساٽيون“ رواجي طرح سڏ ڪرڻ لاءِ نالــي سان ئي سڏ ڪيو ويندو آهي. پر ڪي ڪي مذاق ۾ ”ماساٽ ڪهڙو حال آهي؟“ وغيره چئي سگهن ٿا . باقي حوالي طور بہ ”ماساٽ“ لفظ ئي ڪتب ايندو آهـي.

٨. ماء پي. ٻ. عام واهپي وارو لفظ آهي "ماسات" ڪنهن سڏ ڪرڻ لاءِ "ماسات" لفظ به ڪتب ايندو آهي. جيئن " ماسات ڪهڙو حال آهي؟" وغيره. حوالي طور به ماسات لفظ ئي ڪتب ايندو آهي.

٩. پي. پي. ڏي. عام واهپي جو لفظ ڀقات، ڀفات. جمع ڀقاتيون. سڏ ڪرڻ يا حوالي طور ڪتب آڻڻ لاءِ به ساڳيا ئي لفظ ڪتب ايندا آهن.

١٠. پي. پي. ٻ. عام واهپي وارو لفظ ڀقات يا ڀفات. جمع ڀقات يا ڀفات. سڏ ڪرڻ لاءِ يا حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ به ساڳيو آهي.

١١. پي. ياء ٻ. عام واهپي وارو لفظ سؤٽ. ڪنهن ڪنهن سڏ ڪرڻ لاءِ به ڪتب آڻيو آهي. مثال طور "ڪهڙو حال آهي سؤٽ." وغيره.

١٢. پي. ياء ڏي. عام واهپي وارو لفظ آهي سؤٽ. جمع سؤٽيون. سڏ ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڪنهن ساڳيو لفظ ڪتب ايندو آهي. "سؤٽ" ڪيڏانهن پيئي وڃين. وغيره.

## شاديءَ جي ڪري ٿيل عزازتي لفظ:-

١. ڙاء ماء يا مڙ. ماء. عام واهپي وارو لفظ آهي "سس". سيڻي اندو- آريه ٻولين وانگر سنڌيءَ ۾ ٻڻ

زال جي ماءُ ۽ مڙس جي ماءُ لاءِ سس لفظ ڪتب اچي ٿو. پر هيءَ ڪڏهن ۾ ڪتب نه ايندو آهي. سڏ ڪرڻ لاءِ مڙ. ما. سنڌيءَ ۾ ز. ما. لاءِ ڪن ڪن اڀياشائن ۾ ”نڪرياڻي،“ ”سينياڻي“ ڪتب ايندو هو. ڪي ڪي مهتي ۾ چوندا هئا. اڄڪلهه ڪٿي ڪٿي ياپي ۾ ڪتب پيو اچي.

٢. ز. پي. مڙ. پي- عام واهپي وارو ۽ حوالي طور ڪتب آڻڻ وارو لفظ آهي سهرو. مڙ. پي. کي سڏ ڪرڻ لاءِ ”سهرم“ لفظ هوندو هو. اڄڪلهه ”بابا“ ”ڏاڏي“ يا ”پاپا“ وڌيڪ مروج ٿيندو پيو وڃي. ز. پي. کي سڏ ڪرڻ لاءِ ڪو خاص لفظ ڪين آهي. پر ڪن ڪن اڀياشائن ۾ ”مهتو“ چوندو ٻڌو ويو آهي.

٣. ڏ. مڙ. پي. پ. ز. پي- عام واهپي وارو لفظ سيڻ آهي. پر سڏ ڪرڻ لاءِ ”سيٺ صاحب“ يا ”مهتا صاحب“ لفظ ڪتب ايندا آهن.

٤. ڏ. مڙ. ما. يا پ. ز. ما. عام واهپي وارو لفظ سيڻ. سڏ ڪرڻ لاءِ ادي يا دادي لفظ ڪتب ايندا آهن.

٥. مڙ. ڀي- عام واهپي وارا لفظ آهن ننڻان، نراڻ، سڏ ڪرڻ لاءِ ننڻانم- نديڙي، ڪڪي، ننڻاڻ لفظ ڪتب ايندا آهن. هتي هڪ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ جهڙي آهي ته

نئيڙي نه فقط مڙس جي ننڍي پڻ کي چئبو آهي پر وڏيءَ ۽ وچينءَ پڻ کي بہ چئبو ويندو آهي.

٠٦ مڙس پيءُ مڙ - عام واهپي جو لفظ نڻانڻ جو گھوٽ.

٠٧ مڙس ياءُ عام واهپي وارو لفظ ڏير. سڏ ڪرڻ لاءِ ڏيرم لفظ ڪتب ايندو آهي.سنڌي هندن جي ڪن ڪن جاتين ۾ وڏي ڏير لاءِ ڳورو لفظ پڻ ڪتب ايندو هو. هاڻي عام طرح گھٽي پاڳي وڏي ڏير لاءِ دادا لفظ ڪتب پيو اچي. ننڍي ڏير جي حالت ۾ نالو ورتو ويندو آهي. ڪن ڪن جاتين ۾ ننڍڙا يا ڪاڪا لفظ جو بہ استعمال ٿيندو آهي.

٠٨ مڙس ياءُ زا - عام واهپي ۽ حوالي طور ڪم آڻڻ لاءِ ڏيراڻي لفظ آهي پر سڏ ڪرڻ جي حالت ۾ مڙس جي وڏي ياءُ جي زال جي حالت ۾ ڀاڀي لفظ ڪتب آندا ويندا آهن.

٠٩ زاءُ ياءُ - جينوٽيڪ عام واهپي وارو لفظ سالو آهي. حوالي طور بہ ساڳيو لفظ ڪتب ايندو آهي. پر اڪثر نالي سان بہ سڏ ڪيو ويندو آهي.

١٠. زا ياءُ زاءُ جينوٽيڪ عام واهپي ۾ سالي جي زال لفظ ئي ڪتب ايندو آهي. پر ڪن ڪن هنڌ "سالاج" لفظ پڻ ملي ٿو.

١١. زاءُ پي - عام واهپي وارو لفظ سالي آهي. جمع

ساليون. سڌ ڪرڻ لاءِ سالي ڪري سڌ ڪونہ ڪبو پر
نالي سان ئي ڪونيو ويندو آهي.

١٢. ڙا. يي. مڙ - عام واهپي وارو سنڊو. عام طرح
سڌ ڪرڻ لاءِ نالو ئي استعمال ڪيو ويندو آهي. پر
ڪن ڪن حالتن ۾ چئي سگهجي ٿــو ”سنڊو ڪهڙو
حال آهي.“

١٣. ڙا. يا. پ - عام واهپي وارو لفظ ”سالوت“
جمع ”سالوت.“

١۴. ڙا يا. ڏي - عام واهپي وارو لفظ سالوت.

١٥. مڙ. يــا. پت - عام واهپي وارو لفظ ڏيروت.
سڌ ڪرڻ لاءِ اڪثر نالي سان ڪونيو ويندو آهي.

١٦. مڙ. يا. ڏي - عام واهپي وارو ۽ حوالي طـور
ڪتب ايندڙ لفظ آهي ڏيروت.

١٧. پ. ڙا. - عام واهپي وارو ۽ حوالـي طــور
ڪتب ايندڙ نهن. باقي اڪثر ڪري سسون ۽ سهرا
سڌ ڪرڻ لاءِ ڪنوار لفظ بـــہ ڪتب آڻيندا آهـن.
اڄڪلهہ نالي سان بہ سڌ ڪيو ويندو آهي. نهن کي
پت يا ڌيءُ ڪري بہ سڌ ڪبو آهي.

١٨. ڏي. مڙ. - عـام واهپي وارو لفظ ۽ حوالي طور
ڪتب ايندڙ لفظ آهي نياڻو يا ناني. پر سڌ ڪرڻ لاءِ
اڪثر نالي جو استعمال ڪيو ويندو آهي. پر اڪثر

عزت وارا لفظ ان سان ڳنڍيا ويندا آهن. مثال: ڪنهن
جو نالو نارائڻ هوندو ته چوندا " نارائڻداس " وغيره.
سو به ڳالهائڻ يا سڏ ڪرڻ جو لهجو اهڙو هوندو جنهن
مان عزت جي اظهار جي جهلڪ ملي.

١٩. پ. ڙا. يي ۽ ڏي. مڙ. يي - عام واهپي وارو
لفظ سيٺوت آهي. پر سڏ ڪرڻ وقت اڪثر نالي سان
ئي ڪونيو ويندو آهي.

٢٠. پ. ڙا. يا ۽ ڏي. مڙ. يا - عام واهپي وارو
لفظ سيٺوت آهي. پر سڏ ڪرڻ لاءِ اڪثر نالي سان ئي
ڪونيو ويندو آهي.

٢١. مڙ - عام واهپي وارا لفظ مڙس، گهوٽ وغيره
آهن. حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ به مڙس يا گهوٽ
آهن. پر سڏ ڪرڻ لاءِ گهوڻم، هو يا موهن پيءُ (مطلب
ڪنهن به پنهنجي ٻار پٽ يا ڌيءُ جو نالو وٺي ان جو
پيءُ جوڙي سڏ ڪرڻ عام استعمال آهي.)

٢٢. ڙا - عام واهپي وارا لفظ ڙال يا ڪنوار آهن.
پر سڏ ڪرڻ لاءِ مڙد اڪثر پنهنجي ڙالن جا نالا وٺندا
آهن. يا ڪي ڪي ڪنوار ڪري به سڏ ڪندا آهن.

٢٣. پٽ - پٽ عام واهپي وارو لفظ آهي. سڏ
ڪرڻ لاءِ پٽ ڪري سڏ ڪري سگهجي ٿو يا نالي
سان سڏ ڪبو آهي. پر ڪنهن اڻ واقف ٻار کي به
پٽ ڪري سڏ ڪري سگهجي ٿو. پٽ لاءِ پيار وارا

لفظ آهن ” پتڙا “، ” بابلا “، ”گل “، ”بابا “، ”ڪڪا “، ” ابا “، ” لال “ وغيره.

٢٤. ڏي- عام واهپي وارو لفظ ۽ حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ ڏيءَ آهي. سڏ ڪرڻ لاءِ ڪٿهن ڪٿهن ڏيءَ يا ڪڪي به استعمال ٿيندا آهن. پر ڪٿهن اڻ واقف ڇوڪريءَ کي سڏ ڪرڻ لاءِ پڻ ”ڏيءَ“ لفظ جو استعمال ڪيو ويندو آهي. ڪٿي ڪٿي ننهن کي به ڏيءَ ڪري سڏ ڪيو ويندو آهي. پيار جو سڏ ڌ يتڙي آهي. ڪن ڪن هنڌ تمام گهڻي پيار ۾ يا لاڏ ڪوڏ وچان ڌيءَ کي پٽ يا پتڙا ڪري سڏ ڪيو ويندو آهي.

٢٥. پي. پ - عام واهپي وارو لفظ ياڻيجو آهي. پر سڏ ڪرڻ لاءِ اڪثر نالي سان سڏ ڪيو ويندو آهي.

٢٦. پي. ڌيءَ - عام واهپي وارو لفظ آهي ياڻيجي. پر سڏ ڪرڻ لاءِ اڪثر نالو ئي ورتو ويندو آهي.

٢٧. ياءِ پ - ياڻٽيو عام واهپي وارو لفظ آهي. جمع ياڻٽيا. پر سڏ ڪرڻ لاءِ اڪثر نالو ورتو ويندو آهي.

٢٨. ياءِ ڌي - عام واهپي وارو لفظ ياڻٽي. جمع ياڻٽيون. سڏ ڪرڻ لاءِ اڪثر نالي سان سڏ ڏيو ويندو آهي.

٢٩. ڌي.پ- عام واهپي وارو ۽ حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ ڏوهٽو. جمع ڏوهٽا.

٣٠. ڏي. ڏي - ڏوهتي. عام واهپي وارو لفظ جمع ڏوهتيون. حوالي طور ٻڙ ڏوهتي.

٣١. پ. پ- پوٽو لفظ عام واهپي وارو ۽ حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ آهي.

٣٢. پ. ڏي- پوٽي عام واهپي وارو ۽ حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ آهي.

٣٣. ڀت. پ. ڏي. ٻڙ پوٽي - عام واهپي وارو ۽ حوالي طور ڪتب ايندڙ لفظ آهي.

٣٤. پ. پ. پ - ” ٻڙ پوٽو.“

٣٥. پ. پ. پ. پ - ٽڙ پوٽو.

٣٦. پ. پ. پ. ڏي - ” ٽڙ پوٽي.“

٣٧. ڏي. پ. پ - ” ٻڙ ڏوهٽو.“

٣٨. ڏي. پ. ڏي - ” ٻڙ ڏوهٽي.“

٣٩. ڏي. پ. پ. پ - ٽڙ ڏوهٽو.

٤٠. ڏي. پ. پ. ڏي - ٽڙ ڏوهٽي. ●

# سنڌي لغت جو وڪاس

هند سرڪار جي تعليم کاتي طرفان مئسور ۾ تاريخ ٢٣ مارچ ١٩٧١ کان ٢٥ مارچ ١٩٧١ع تائين ڊڪشنريءَ بابت ڀارتي نيشنل ڪانفرنس ٿي گذري. جتي جدا جدا ٻولين ۾ ڊڪشنرين بابت پيپر پڙهيا ويا هئا.

سنڌيءَ بابت هي ڀارتين ٿي پيپر ڊاڪٽر پرسي گدوانيءَ جو لکيل، ڊاڪٽر ڪيلاڪر، اُن ڪانفرنس ۾ پڙهيو، جو ڪافي پسند ڪيو ويو. ڊاڪٽر پرسو گدواڻي ڊيڪن ڪاليج پونا ۾ سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ سنڌي ڊڪشنري ٺاهڻ جي ڪم ۾ لڳل آهي.

سنڌيءَ ۾ ڊڪشنرين جو رواج ڪو پراڻو ڪونه آهي. هن ڏس ۾ شروعاتي ڪوشش ٻين ٻولين جي ندين

شبد-ڪوش سان ٿسي. جيڪي ٽالپور حڪومت (١٧٨٣-١٨٤٣) جي دؤر ۾ خانگي يا سرڪاري طور عملدارن لاءِ تاهيل هيون. هي فارسي يا گرمکي لپيءَ ۾ هونديون هيون. پر اهي سڀ اڄ تائين دستخط جي صورت ۾ آهن. ٻهرٻون ڊڪشنريون جي ڇپيل روپ ۾ ظاهر ٿيون اهي انگريزي لغت نويس جون تيار ٿيل آهن. سنڌيءَ ۾ ٺهيل مڙني ڊڪشنرين کي هيٺيئن طرح ورهايو ويو آهي.

## هڪ ٻوليون ڊڪشنريون :-

هن ڏس ۾ تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي. سنه ١٩٤٧ع ڌاري سهجرام ٿهلرام هڪ سنڌي- سنڌي ڊڪشنري سهج ڪوش تيار ڪئي. جا اڄ تائين ڇپجي ڪين سگهي آهي.

سنڌي ادبي بورڊ پاڪستان کي پنجن ڀاڱن ۾ سنڌي- سنڌي ڊڪشنري جوڙڻ جي رٿا هئي پر اڄ تائين فقط ٻهريون ڀاڱو (ا. ب ۽ ب) جو ئي ڇپجي سگهيو آهي. جنهن ۾ اٽڪل ١٦٠٠٠ مکيه لفظ آهن ۽ ان کان سواءِ گڏيل ٺهيل لفظ (Compounds) ٻيا آهن. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ اڄ تائين جڙيل لغتن ۾ ڇپجي نه هيءَ سرمور آهي. جيترو لفظي ڀنڊار هن ۾ آهي اوترو ڪنهن ٻيءَ لغات ۾ ڪين آهي. ان کانسواءِ

جيون جي هر پهلوءَ جسا لفظ هن ۾ ڪٺا ڪري وڌا ويا آهن، جنهن ۾ ڳچ ذخيرو اسانجي زباني روايت ۾ رائج لفظن جو آهي. جيڪي ڪٿي ٻه ساهتيه جو انگ اڄ تائين ڪين ٿــي سگهيا آهن. ان لاءِ ادبي بورڊ ڪيترا فيلڊ ورڪر مقرر ڪيا هئا، جن ڳوٺن ۾ وڃي پاڻمت پانت جا لفظ ڪٺا ڪيا. ان کانسواءِ سنڌيءَ جي مڙني اُپ ڀاشائن وچولي، لاڙي، لاسي، ٿري، سرائڪي ۽ ڪڇيءَ جا لفظ ٻه اُن نموني ڪٺا ڪري وڌا ويــا آهن. پر انهن مڙنـــي خوبين هوندي ٻــ هن ۾ وڳيانڪ طريقي سان ڪم ڪين ڪيل آهي. ڪٿي ڪٿي اُچارن ۾ چڱي هير ڦير آهي. عربي، فارسي ۽ سنسڪرت جي ڪيترن لفظن کـــي ملائي هڪ ٻـي مکيه داخلي لفظ (Main - entry) جي اندر رکيو ويو آهي. جو بنيادي طرح غلط آهي. تنهن کان سواءِ معنيٰ ۾ ٺهي ٻولين جي لفظن جي ڪچھي ڪٿي ويئي آهـي. ڪيترا فارسي ۽ عربي لفظ ٻه وري سنڌيءَ ۾ ٺوسيا ويا آهن. ان هوندي ٻه هيءَ ڏڪشنري ساراهه جوڳي آهي.

ان کان سواءِ ٻيون ٻه ٻه لغاتـــون دستخط روپ ۾ آهن. علي محمد ١٩٢٠ ۾ سنڌي - لغات جـوڙي ۽ لالا هاسانند ١٩٤٧ع ڌاري سنڌي ڏڪشنري جوڙي. ليڪ ڪي ٻنهي کي نظر مان ڪڍڻ جو موقعو نه مليو آهي. انڪري انهن جي وڌيڪ ڄاڻ ڪانه آهي.

## ٻ - ٻولين ڊڪشنريون

هن ڏس ۾ ٽالپرن جي دور ۾ گرمکي ۽ عربي لپيءَ ۾ ننڍيون ننڍيون لغاتون ٺاهي شروعات ڪئي ويئي. پر اهي اڻ ڇپيل رهجي ويون. ان کانپوءِ ڪن انگريزي ودوانن محدود دائري اندر ڪجهه ڪوششون ڪيون. ١٨٣٦ع ۾ Wathen ۽ ١٨٤٣ع ۾ Easteric سنڌيءَ جو ڪجهه لفظي ذخيرو ڪٺو ڪيو جيڪو Asiatic Society of Bengal جي XII واليوم جي پارٽ I ۾ ڪلڪتي ۾ ظاهر ٿيو. ١٨٤٣ ۾ ٻي وري انگريزي ودوان Leech ستن انڊو-آرين ٻولين جو لفظي ذخيرو ٻمبئي سرڪار لاءِ ڪٺو ڪيو. جنهن ۾ سنڌي ٻولي پڻ هڪ آهي.

انهن ننڍي پئماني تي ٿيل ڪوشش کانپوءِ اصلي لغاتي ڪوشش ڪئپٽن جارج- اسٽئڪ جي آهي. جنهن سنڌي- انگريزي ۽ انگريزي - سنڌي لغاتون تيار ڪيون.

جن مان سنڌي انگريزي ١٨٤٩ ۽ انگريزي سنڌي ١٨٥٥ ۾ ليڪ جي ديهانت کانپوءِ ڇپيون. انهن ٻنهي ڊڪشنرين ۾ سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ لکي ويئي آهي. سنڌي انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل ١٧٠٠٠ لفظ آهن. جن ۾ ڪي لفظ سنسڪرت، فارسي ۽ عربي ٻولين مان سنڌيءَ ۾ آيل پڻ آهن. هي لغاتون

مکمل Exhaustive کين آهن، پر نئين ڪتمل سند پرانت ۾ مقرر ٿيندڙ نون انگريزي عملدارن لاءِ بيشڪ ڪارگر هيون ۽ اهو ئي ناهڻ جو مطلب پڻ هو. ديوناگري لپي ڪتب آڻڻ جو پڻ گهڻن سببن مان هڪ اهو بہ هئو.

١٨٦٦ ۾ عبدل رحيم عباسي جـــواهر - ال - لغات نالي هڪ سنڌي فـــارسي لغات جوڙي جا اڄ ڏائين ڇپجي ڪين سگهي آهي.

١٨٧٩ ۾ هڪ پادري فـــادر شرٽ، اڌارام ٿانوَرداس ۽ ص - ف. مرزا جي مدد سان سنڌي انگريزي لغات جوڙي. عربي لپيءَ ۾ جوڙيل هيءَ پهرين لغات هئي. هن ۾ هر هڪ لفظ جـي معنيٰ ۽ گرامر جـو درجو ڏنل آهي. تنهن کانسواءِ سنڌيءَ ۾ بـــاهران آيل لفظن جو نڪاس Source پـڻ ڄاڻايو ويو آهـي. مثال ڪو لفظ پارسيءَ مان آهي يا سنسڪرت مان وغيره.

فادر شرٽ جـــي ڊڪشنريءَ کـــانپوءِ ڪيترين ڊڪشنرين نڪتيون جي گهڻي ڀاڱي اسڪولي شاگردن جي ڏانءُ جون هيون. انهن سڀني مان پرمانند ميوارام جــون A Sindhi - English Dictionary (1910) ۽ A New English - Sindhi Dictionary (١٩٣٣) مکيہ آهن. انهن ڊڪشنرين جوڙڻ ۾ رچيندڙ کي تمام گهڻي جاکوڙ ۽ شخصي ڪوشش ڪرڻي پئي ۽ ڪشٽ ڪشالا ڪرڻا پيا. ليڪ جي گهڻي ۾ گهڻي ڪوشش

هڪي نه جيون جي مڙني ڪيترن ۾ ڪتب ايندڙ سنڌي لفظ ڊڪشنريءَ ۾ درج ٿي سگهن، ان لاءِ هن پوري پوري ڪوشش ورتي آهي. ان ڪانسواءِ انگريزن سان گڏجي وري انهن سنڌي لفظن جا تز انگريزي لفظ ۽ معنائون ڏيڻ ۾ به پاڻ وسئون ڪين گهٽايائين. اهو ئي سبب آهي جو اڄ تائين معيار جي خيال کان سنڌيءَ ۾ آهي به ڊڪشنريون قابل تعاريف آهن ۽ هينئر به ساهتيہ اڪاڊمي انهن انگريزي - سنڌي ڊڪشنريءَ کي ڇاپڻ لاءِ تيار آهي ۽ اهڙو فيصلو ٿي چڪو آهي.

باقي ڊڪشنريون گهڻي ڀاڱي مٿين ٻن ڊڪشنرين جي ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اثر هيٺ آيل آهن. انهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا واڌاري جي ڳالهه نه ڪيل آهي. سواءِ ان جي ته شهاڻيءَ جي ڊڪشنريءَ ۾ انگريزي لفظن جا اُچار ڏنل آهن.

انگريزي - سنڌي ۽ سنڌي - انگريزي لغاتن ڪانسواءِ ٻين ڪن ٻولين جون لغاتون ٻڻ سنڌيءَ ۾ ڇپيون ويون آهن. ١٩٥٠ ۾ ابن الياس اُردو - سنڌي ڊڪشنري جوڙي، جنهن ۾ اٽڪل ١٤٠٠٠ لفظ آهن. هرهڪ اُردو لفظ جون هڪ يا به سنڌي معنائون ڏنيون ويون آهن. اُنهن ۾ لفظ جا گرامر جا درجا ۽ سندن اشتقاق ٻڻ ڏنل آهن. پر اعرابن جي نه هئڻ ڪري مڪيہ لفظ جو صحيح اُچار معلوم ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. جا ڳالهہ لغاتي-فن جي لحاظ کان غير وگيانڪ آهي.

پاڪستان ۾ سنڌي ادبـي بورڊ ١٩٥٩ ۾ سنڌي - اردو ڊڪشنري تيار ڪئي جنهن ۾ اٽڪل ٢٤٠٠٠ لفظ آهن. ١٩٦٠ ۾ وري اردو - سنڌي ڊڪشنري ميدان ۾ آندي. جنهن ۾ ويهه هزار اردو لفظ آهـن. انهن ٻنهي ڊڪشنرين جو سمپادن قابل لغات نويس نبي بخش خان بلوچ ۽ غلام مصطفيٰ ڪيو. اهـي ٻئي ڊڪشنريون وديارٿين جي ڏاڍو ڪم آهن ۽ چڱيون ڪارگر آهن.

## ٽه ٻوليون ڊڪشنريون

اڄ تائين فقط ٻه ، ٽه ٻوليون ڊڪشنريون سنڌيءَ ۾ ڇپيون آهن. ١٩٥٩ع ۾ ميمڻ عبدالمجيد (پاڪ ٽرپليٽ) جنهن ۾ اردو - سنڌي - انگريزي ٻوليون آهن، ڊڪشنري جوڙي. ٻي آهي هندي - انگريزي - سنڌي ڊڪشنري جا ديپچند تلوڪچند ديودت شرما ۽ پريوداس برهمچاري گڏجي. ١٩٦٢ ۾ هند سرڪار جي گرانٽ سان جوڙي تيار ڪئي. ان ۾ سنڌيءَ لاءِ ديوناگري لپي ڪتب آندل آهي. هن ڊڪشنريءَ ۾ اٽڪل چار هزار لفظ آهن. سنڌي ديوناگري لپيءَ جي Standardisation نه ٿيڻ سبب ساڳيو لفظ الڳ الڳ نموني لکيل آهي. ٻيءَ طرح هيءَ ڊڪشنري سنڌي شاگردن جي خيال کان خاص ڪمائتي ڪين آهي. نه ئي وري هندي ڄاڻندڙن لاءِ سنڌيءَ جو سٺو ذخيرو پيش ڪري ٿي.

## اشتقاقي ڊڪشنريون

هن ڏس انگريز پادري فادر شرٽ ١٨٦٦ ۾ ”اکر ڌاتو“ جوڙڻ سان شروعات ڪئي. پر بدقسمتيءَ سان اڄا تائين دستخط جي روپ ۾ ئي رهجي ويئي آهي. سنه ١٨٨٦ ۾ جهمٽ مل وسناڻيءَ واڻپٽي ڪوش جي رچنا ڪئي. هن ڪم جي مهتوَ کي نظر ۾ رکي سنڌ جي ٽماهي رسالي مهراڻ ١٩٦٠ ۾ هن کي وري ڇپيو. اصلوڪي ڇاپي ۾ ڌاتو ديوناگري لپيءَ ۾ ڏنل آهن پر مهراڻ رسالي وارن انکي عربي لپيءَ ۾ پيش ڪيو آهي ۽ وري اعرابن تي خاص ڌيان ڪونه ڏنو آهي. جنهنڪري ڌاتوءَ جو صحيح اُچار سمجهڻ ۾ مشڪلات درپيش اچي ٿي.

هن ڊڪشنريءَ ۾ مهاڳ ۽ اِسرائن جي سوچيءَ کان سواءِ ٻه ڀاڱا آهن. پهرئين ڀاڱي ۾ ڌاتو ۽ انهن مان ٺهيل لفظ آهن ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ لفظن جا بنياد ۽ ان جي لفظن جو ورڇن آهي.

ان قسم جو ٻيو هڪ ڪم محدود هوندي به، خاص ڪارائتو آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي ”شاهه جي رسالي“ جي هرهڪ ڀاڱي جي پنيان عام واهپي ۾ نه ايندڙ لفظن جي معنيٰ ۽ اشتقاقي اِتهاس ڏنو آهي. هيءَ ملهائتو ڪم سچ پچ سنڌي جڳت لاءِ هڪ مٿيو آهي.

۱۹۵۵ ۾ عبدالڪريم سنديلي تحقيق لغات سنڌي جوڙي جنهن ۾ اٽڪل ۴۲۵۰ لفظ آهن. لفظن جو سنسڪرت اشتقاق (Etymological Source) ڏنل آهي. سنه ۱۹٦٦ ۾ پارسي پاشائن جي ودوان ڊاڪٽر ترنر هڪ اعليٰ ڊڪشنري جوڙي. پارسي ٻولين جي اڀياس لاءِ هڪ روشن راهه پيدا ڪئي. هن ڊڪشنريءَ جو نالو آهي ڊڪشنري آف ماڊرن انڊو آرين لئنگئجس. هن ڊڪشنريءَ ۾ ويدڪ سنسڪرت ۽ سنسڪرت جي ڌاتن ۽ بنيادي لفظن جا جديد پارتي ٻولين جا لفظ آهن.

## ساهتڪ گرنٿن يا ڪنهن هڪ رسالي تي جوڙيل ڊڪشنريون.

ڪافي ودوانن شاهه جي رسالي تي ڊڪشنريون جوڙيون آهن. هن ڏس ۾ پهرين "ٻ- ٻولي ڊڪشنري" ليلارام وطڻمل لعلواڻي سب جج ۱۸۹۰ ۾ "گلو سري آف شاهه جو رسالو" جي نالي سان شايع ڪئي. مکيه داخلا عربي سنڌيءَ ۾ لکيل آهي ۽ معنيٰ انگريزيءَ ۾ ڏنل آهي. هي پنهنجي قسم جو هڪ شاندار ڪم آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ ليکڪ شاهه جي زندگي، ڌرم ۽ صوفي مت ۽ ويدانت جي سدانتن تي ۹۵۰ صفحن ۾ چڱيءَ طرح روشني وڌي آهي. ايترن ئي صفحن ۾ ٻئي ڀاڱي ۾ ليکڪ لفظن جا صحيح اُچار ڏنا آهن ۽ ڊاڪٽر

ٽرمپ ۽ ناميءَ سرڪار جي ڇپايل رسالن ۾ ڪيل غلطين جون درستيون ٻڌايون آهن.

ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ هڪ ڊڪشنري غريب-ال-لغات شاهه جي ٻهرين ٽن سرن جي آڌار تي جوڙي جا ١٩٠٧ ۾ شايع ٿي.

١٩١٤ ۾ مرزا قليچ بيگ "لغات لطيفي" جوڙي. جنهن ۾ شاهه جي رسالي جي ڏکين لفظن جون معنائون ڏنيون آهن. هن ڊڪشنريءَ جي خوبي اها آهي ته معنائن کي سلسليوار سرن ۾ ورهايو ويو آهي.

هن ڏس ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جون ڪوششون پڻ قابل ذڪر آهن. شاهه جي رسالي جي ڇاپل ٽن ڀاڱن ۾ هرهڪ جي پڇاڙي هڪ وڏي لسٽ ڏکين لفظن جي معنيٰ سان ڏنل آهي. اهي جيڪر ڌار ڪري ڇپائجن ته شاهه جي رسالي ڪان ٻه هڪ وڏي ڊڪشنري ٿي پوي.

١٩٢١ ۾ مرزا قليچ بيگ "لغات قديمي" جوڙي جنهن ۾ ١٠ شاعرن جي ڏکين لفظن جون معنائون ڏ آهن. جن ۾ شاهه لطيف پڻ هڪ آهي.

## اصطلاحن ۽ ٻولين جون ڊڪشنريون

هن قسم جي شروعات ١٩ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ روچيرام گجومل " A hand book of Sindhi

" Proverbs سان ڪئي. هن ۾ سنڌي پهاڪن جا انگريزي پهاڪا ڏنل آهن. ۲۰ صديءَ جي شروعاتي دؤر ۾ هن قسم جا ڪجهہ ڪم ظاهر ٿيا. ڪيولرام سلامتراءِ ۱۹۰۵ ۾ گلشڪر جوڙيو. هن ڪتاب جي هر دلعزيزي ۽ ضرورت اُن سان ظاهر آهي جو اهو پنجہ دفعا ڇپجي چڪو آهي. جن مان آخرين دفعو سنڌي ادبي بورڊ پاڪستان طرفان ڇپايل آهي. هن ۾ ۵۷۰ پهاڪا ڏنل آهن. ڪن ڪن پهاڪن ۾ ساڳئي ويچار وارا فارسي ۽ هندي پهاڪا، دوها يا رباعيون ڏنيون ويون آهن. هر هڪ پهاڪي جي معنيٰ سان گڏ سنڌس شروع ٿيڻ جو سبب ۽ انجي آکاڻي پڌايل آهي.

سنہ ۱۹۱۰ ۾ گهنشامداس سرامنداس "سنڌي ٻوليءَ جي سونهن" نالي اصطلاحن جي هڪ ڊڪشنري جوڙي. هن ۾ ٻہ هزار پنجہ سؤ اصطلاح آهن. ايڪ ڪنهن ٻہ اصطلاح جي وچور نہ، ڏنئي صرف معنيٰ ۽ جملي ۾ اُپيوگہ ڏنو آهي.

ديوان ڪوڙيمل ۱۹۱۱ ۾ "Sindhi Proverbs" نالي هڪ ڪتاب ظاهر ڪيو.

سنہ ۱۹۲۵ ۾ مرزا قليچ "پهاڪن جي حڪمت" نالي هڪ شاندار ۽ يگاني لغات جوڙي راس ڪئي. هيءَ مکيہ ٽن ڀاڱن ۾ مغرب، مشرقي ۽ ڌرمي گرنٿن جي آڌار تي ورهايل آهي. پهرئين ڀاڱي ۾ مشرقي ايشيا

جهڙوڪ چيني، جپاني، ملايلي، بنگالي، ڪشميري، ڪنري، تامل، تيلگو ٻوليون ڪنيل آهن. مغربي ٻوليون عربي، فارسي، ترڪي، افغاني يا پشتو، هندستاني ۽ سنڌي ٻولين جا پهاڪا ڪنيل آهن.

ٻئي ڀاڱي ۾ مغربي ملڪن جهڙوڪ انگريزي، فرينچ، اسپيني، پورچوگالي، اٽلي، جرمني ۽ رشين ٻولين جا پهاڪا ڏنل آهن.

ٽئين ڀاڱي ۾ ٻوتر گرنٿ جهڙوڪ بائيبل، قـــران، حديث مان پهاڪا ڪنيل آهن.

انهن سڀني ٻولين جي پهاڪن کي سنڌيءَ ۾ آڻي اکري ترجمو ڪيو ويو آهي. ڀر اصلي پهاڪا نه ڏنا ويا آهن ۽ نه ئي وري ليکڪ انهن تـــي پنهنجو شخصي راءِ ظاهر ڪيو آهي. ان هوندي به هيءَ ڪم الڳ الڳ ٻولين ۽ جدا جدا تهذيبن جي لحاظ کان بلڪل ملهائتو آهي. بهتر ٿئي ها اگر ليکڪ انهن پهاڪن جا ملندڙ جهلندڙ سنڌي پهاڪا پڻ ڏئي ها جيئن جدا جدا قومن جي ويچارن جي ويجهڙائيءَ ۽ جدائيءَ جي چڱيءَ ڀر خبر پئجي سگهي.

١٩٢٥ ۾ ڀيرومل مهرچند آڏواڻـيءَ ”گلقند“ نالي وستار وارو پهاڪن ۽ اسطلاحن جـو ڪتاب جوڙيو جو ٻن ڀاڱن ۾ آهي. پهرئون ڀاڱو ڪنهن حد تائين به ڀاشائي آهي. ان ۾ ٩١٩ پهاڪا آهن. ليکڪ ڪن ڪن پهاڪن

جي نهڻ جو اِتهاس بيان ڪيو آهي. جنهنڪري ٻهاڪن جي سچائيءَ ۾ ته اِضافو ٿيو ئي آهي. پر پڙهندڙن لاءِ پڻ رچي پئدا ڪندڙ آهـي. گهڻي ڀاڱي ٻهاڪن جا ويجها انگريزي ٻهاڪا ڏنل آهن.

ٻئي ڀاڱي ۾ ۱۴۵۰ اصطلاح ڏنـل آهـن. هر هڪ اصطلاح جي مختصر وچور ڏيڻ کان پوءِ ليکڪ ان جو استعمال جملي ۾ ڪيو آهي. ڪن ڪن اصطلاحن جو ويجهو انگريزي اصطلاح پڻ ڏنو آهـي. اصلوڪو ڇاپو سنڌي عربي لپيءَ ۾ آهي پر تازو دهلي يونيورسٽيءَ سنڌي ديوناگريءَ ۾ پڻ ڇاپيو آهي.

انهن شروعاتي ڪوشش کان پوءِ ڪيترائي اسڪولي معيار لاءِ ڪتب ايندڙ ننڍا وڏا ڇاپا نڪتا. پر انهن ۾ ڪوبه خاص سدارو ڪونه ٿيل آهي. انهن ۾ م. ج. شهاڻيءَ جو ۱۹۳۷ ۾ نڪتل Hand book of Sindhi Idioms چڱو ڀارو هو. هن ۾ اٽڪل ۳۰۰۰ اصطلاح ڏنل آهن. ليکڪ جي لکڻ مطابق تمام گهڻا عام واهپي جا اصطلاح چنڊي ڏنل آهن. هيءَ ڪتاب شاگردن ۽ ودوانـن لاءِ تمام ڪارائتو آهي.

امر لعل ساڌواڻيءَ جـي ٻهاڪن تـي ڪيل ڪم ڪونج ماهوار رسالي ۾ سلسليوار ڇپيو آهي، جلد ئي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيڻ وارو آهـي. ساڳئي ليکڪ جو Sindhi Doublets تي هڪ تفصيل وار ڪيل ڪم

جديد زماني جو سنڌي جڳت ۾ پنهنجي قسم جو ڪم آهي، پر اڃا اڻ ڇپيل حالت ۾ آهي.

١٩٥٦ ۾ ”ڪنمنڙا“ نالي ڇگو تفصيلوار پهاڪن جو ڪتاب جوڙيو ويو آهي. پر اهو هندستان ۾ جائزي لاءِ مؤجود ڪين آهي.

ڪجهه سال اڳـــ سيلاڻ جـــي تيرٿداس پيسومـل هـاتيراماڻـي انڪل ٣٥٠٠ پهاڪن جـــي هڪ وڏي ڊڪشنري جوڙي آهي. جنهن ۾ الف- بي جي حساب سان پهاڪا ڏنل آهن. هن ۾ سنڌي پهاڪن جـو هڪ وڏو ذخيرو ڪٺو ڪيل آهي، جو اڻ ڇپيل آهي. هيءَ املهه ڪتاب پڻ اڃا دستخط روپ ۾ آهي. جنهن جي ڪاپي سنڌو ڪوچنا ڪيندر پوني وٽ آهي.

## ٽيڪنيڪي (Technical) الفاظن جون ڊڪشنريون

مـــري ١٨٥٥ ۾ A Vocabulary of Sindhi Agricultural terms herbs and drugs جـــوڙي. مري ١٨٨٠ ۾ "Hand book of Geology, Botany and Zoology and drugs of Sindhi" جوڙيو. هن Plants and Drugs of Sindhi پڻ جوڙي جا ١٨٨۴ ۾ شايع ٿي. اهي هن ڏس ۾ شروعاتي ڪوششون آهن جيڪي انگريزن دوارا ڪيون ويون.

اُن ڏس ۾ پهريون ڏيهي عالم مرزا قليچ بيگ هو.

جڏهن ١٨٩٥ ۾ باغباني لکيو. ان ۾ باغباني فن جي هر جاءِ ڪني ڪيل آهي. باغبانيءَ جي هر پهلوءَ تي روشني وڌل آهي. مثال الڳ الڳ فصل انهن جي پوکڻ جا وقت. الڳ قسمن جا ٻج ۽ انهن لاءِ الڳ قسمن جي گهربل زمين ۽ انهن لاءِ ڪتب ايندڙ اوزارن جا پڻ وچور وار تفصيل ڏنل آهن.

"فرهنگ جافري" يوناني ۽ آيور ويدڪ طب تي تيار ڪيل هڪ تمام وچور وار ڏسڻ پاڳن ۾ تيار ڪيل ڊڪشنري آهي جو محمد جعفر آنساري ١٩٣٦ ۾ شايع ڪئي.

## ٻيا حوالي وارا ڪم OTHER REFERENCE WORK

ان قسمن جي ڪمن ۾ ٻنڌس ڪشنچند جيتلي جون ڪوششون ساراهه جوڳيون آهن. ٻهراڻ آهي سنڌي نالن جو اشتقاقي اتهاس ۽ ٻيو آهي سنڌي ڏاڻن جي ڊڪشنري. جي ٻئي اڻ ڇپيل آهن.

١٩٦١ ۾ نرواڻي پارمع ويوهار ڪوش تيار ڪيو. جڏهن ۾ پارمع جي سورهن (١٦) ٻولين جا ٣٠٠٠ چونڊ لفظ ۽ ٥٠٠ جملا آهن. هن ۾ سنڌي وياڪرڻ هرپسنگهاڻي ۽ خوبچنداڻي جو تيار ڪيل آهي.

١٩٦٣ ۾ رام شرما ١٠٠٠ ضدن جو هڪ ننڍڙو مجموعو تيار ڪيو. جو شاگردن لاءِ تمام ڪارگر آهي.

هن ۾ اٽڪل ١٠٠٠ ضد آهن. هن ڪتاب جي خوبي اها آهي ته جنهن ٻوليءَ جو لفظ سنڌيءَ ۾ آيل آهي اُنجو ئي وري ضد به لکيل آهي. ساڳئي ليکڪ جو صفتن ۽ اسم ذات جو ننڍڙو مجموعو پڻ ڇپايل آهي.

Indian National Highway for all ۾ ١٩٦٧ اديلتا سيتا ديويءَ ڇپايو. جنهن ۾ سنڌي ٻولي پڻ آهي.

ڊيڪن ڪاليج پونا جي سنڌي ڀاشا وگيان وڀاڳ جي زير- سايع A Comprehensive Sindhi English Dic. تيار جي هڪ رٿا آهي. جنهن جو پهريون ڀاڱو صرف حرف علت (Vowels) جو تيار آهي. جنهن ۾ اٽڪل ٢٥٠٠ مکيه داخلو لفظ (Main Entries) ڏيندا ۽ ان کان به وڌيڪ تعداد مرڪب لفظن (Compound) جو ڏيندو. في الحال هن ڊڪشنريءَ جا ١٠٠ صفحا سائڪلو سٽائيل ڪرايل آهن. جيڪي ودوانن جي راءِ لاءِ موڪليل آهن. ان مان ڄاڻ پوي ٿي ته ڊڪشنري ڪيتري قدر وچور وار آهي. فقط داخلو لفظ (اڪ) تي ٢٥ فل سڪيپ پنا آهن.

سنڌي اتهاسي لغاتون ۽ وشو ڪوش Encyclopedia نڪتل نه آهن. ●

# سنڌي تهذيبي ڪيندر جي روپ ريکا

ورهاڱي بعد سنڌي پنهنجي روزگار ۽ پيرن تي بيهڻ ۾ لڳي ويا. ان بعد هنن تعليم ڏانهن ڌيان ڏنو. اسڪول ۽ ڪاليج کوليائون. اڄ ٽيهن سالن بعد يا اُن کان به گهڻو اڳ، اهو محسوس ڪيو ويو ته سنڌين جو ڪو تهذيبي مرڪز هجڻ ضروري آهي. ان ڏس ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو سنڌو ڀون لاشڪ ساراهه جوڳو قدم آهي. پر اڄ ضرورت آهي ته سنڌي تهذيب جو اهڙو مرڪز هجي جيڪو اڳتي هلي سنڌي يونيورسٽيءَ جو روپ وٺي. جيئن ٽئگور جو شانتي نڪيتن، شروع ۾ تهذيبي ۽ ڪلا جو مرڪز هو. جو هاڻي يونيورسٽيءَ جي درجي تي پهتو آهي.

تيئن سنڌين جو تهذيبي مرڪز (Institution of Sindhiology) هجڻ ضروري آهي. ان لاءِ عملي قدم لاءِ ڊاڪٽر گدواڻيءَ ڪي ڪارگر رٿون ڏنيون آهن جن تي سنڌي بزرگ، تعليمدان، اديب ڪجهه گڏجي سان سوچي ڪو عملي قدم کڻندا ته سنڌين جي اها کوٽ به پوري ٿي سگهي ٿي.

ڀارت ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌي سڄي ڀارت ۾ ٽڙي پکڙجي ويا. انڪري ڪئين تهذيبي مسئلا کڙا ٿي پيا. مثال طور مفاصلي جي دوريءَ ڪري هڪ ٻئي سان لڳاءُ وچڙ ۾ نٿا اچي سگهن. ٻيو ننڍن ڳوٺن ۾ يا شهرن ۾ ٿوري تعداد ۾ هجڻ ڪري سنڌي ٻارن کي سنڌي ماڌيم ۾ سکيا نه ٿي ملي سگهي. ساڳيءَ طرح اوچ سکيا لاءِ ٻيا جوڳا بندوبست نه ٿي سگهيا آهن. سواءِ اڪڙ ٻڪڙ جڳهين جي ٻين هنڌ تعليم لاءِ گهربل سهوليتون ميسر ٿي نه سگهيون آهن. ساڳيءَ طرح ڏڻ وار ملهائڻ ۾ به تڪليفون آڏو آيون آهن. يعني جتي سنڌين جو تعداد وڏيڪ آهي اتي ئي اهي ملهائي سگهيا آهيون. ٻيءَ حالت ۾ اسان پنهنجي تهذيبي ورثي کان وڇڙندا پيا وڃون. اسان جي نئين ٽهي مڪاني ماحول جي زبردست اثر کان پاڻ کي بچائي نه سگهي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌي تهذيب ۽ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو اونداهو نظر اچي رهيو آهي.

پنهنجي تهذيب کي زندهہ رکڻ لاءِ الڳ الڳ وقتن تي الڳ الڳ ودوانن پنهنجا پنهنجا رايا پڻ پيش ڪيا آهن. هت مان پنهنجا ويچار پيش ڪري رهيو آهيان. منهنجي ويچار موجب اسان کي هڪ اهڙو ڪيندر کولڻ کپي جتي اسان جي ساهتيہ ڪلا، سنگيت، لوڪ ساهتيہ، وغيره جي هر پهلوءَ تي ڪم ٿئي. پوءِ اهو ڪيندر Institute of Sindhotogy هجي يا Institute of Sindhi Studies هجي يا ٻئي ڪنهن نالي سان.

ان ڪيندر جي روپ ريکا هيٺئين نموني ٿي سگهي ٿي.

## (ا) ٻولي ۽ ساهتيہ ويڀاڳ

هن ويڀاڳ ۾ ٻولي ۽ ساهتيہ جي هر پهلوءَ تي اڀياس ٿيڻ کپي. مثال طور سنڌي ٻولي ۽ ان جي مسئلن جي ڀاشا وگيان جي نظريي کان اوک ڊوک ڪري سگهجي ٿي.

ساهتيڪ ويڀاڳ ۾ سنڌيءَ جي ناول، ڪهاڻيءَ، ڪاويہ وغيره تي ڪم ٿيڻ کپي. يا انهن وشين جي گهڻن ئي پهلن تي معياري ڪتاب لکي ودوانن جي ۽ وديارٿين جي مدد ڪري سگهجي ٿي. يا وقت بہ وقت بيا جيڪي ڪم ٺيڪ سمجهيا وڃن اهي ڪيا وڃن.

## (٢) ڪلا وڀاڳ

هن ۾ اسان جا چترڪاري ۽ سنگتراشي وغيره انيڪ ننڍا وڏا وڀاڳ، ڪولي سگهجن ٿا. مثال سنڌي پوشاڪ پهرڻ يا آر جو ڪم يا هرمچو وغيره. ڪيترائي اسان جا پنهنجا خاص سنڌي پوشاڪ آهن، انهن کي ۽ ٻين لوڪ ڪلائن کي همٿائي سگهجي ٿو. سنڌي ڪلاڪارن کي همٿائي خاص سنڌي جيون سان واسطو رکندڙ يا سنڌي ڪلا جو اظهار ڪندڙ ڪلا جا نمونا تيار ڪرائي سگهجن ٿا.

## (٣) ناٽڪ وڀاڳ

هن ۾ سنڌي ناٽڪ منڊلين کي اُتساهه ڏياري، هن ڪيتر ۾ شڌ سنڌيت سان واسطو رکندڙ ناٽڪ لکارائي، انهن کي پارٽ جي الڳ الڳ سنڌي ڪمپين ۾ پنهنجا کيل ڏيکاري سگهجن ٿا. هن ۾ ڪوشش اهائي ٿيڻ گهرجي ته سنڌي ناٽڪن ۾ سنڌي سڀيتا جي ئي جهلڪ هجي. ناٽڪ جنتا تي اثر وجهڻ لاءِ زوردار واهڻ آهن. جنهن جو اثر ڏسندڙن تي ناول يا ڪهاڻي پڙهڻ کان بتو ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته ٿوري ئي وقت ۾ اکيون ۽ ڪن ٻه حواس ڪم ڪن ٿا ۽ وندر جي ڀهاني مشغول ۾ مشغول سنڌي ٻه وقت ڪيي ڏسڻ اچن ٿا. ٻيءَ طرح سنڌي ڪهاڻي يا ناول يا شعر پڙهڻ اهو ڏکيو آهي.

## (٤) سنڌي سنگيت وڀاڳ

هن وڀاڳ ۾ سڀ کان ڀرپور خاص ۽ ٺيٺ سنڌي سرن کي ٽيپ ڪري رکڻ جو ڪم ٿيڻ کپي. چاڪاڻ ته ٿي سگهي ٿو ته وقت جي دوران ۾ اسان جي سنگيت جي ڄاڻو پيڙهي نه رهي ۽ اسان جو املهه ورثو ختم ٿي وڃي.

## (٥) گڏيل وڀاڳ

مٿين مڙني وڀاڳن کانسواءِ هڪ گڏيل وڀاڳ هجي. جنهن ۾ باقي ٻيهل وشين تي جيئن ته سماجڪ مسئلن يا ٻين ڪيترن وشين تي الڳ الڳ وقتن تي، وقت، ۽ ضرورت مطابق ڪم ڪرائي سگهجي ٿو.

ان کان سواءِ لوڪ ساهتيه کي ساهتيه وڀاڳ ۾ رکي سگهجي ٿو. لوڪ سنگيت کي سنگيت وڀاڳ ۾ ۽ لوڪ ڪلا کي ڪلا وڀاڳ ۾ رکي سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح وقت به وقت ٻين مسئلن کي به هڪ يا ٻئي وڀاڳ اندر رکي سگهجي ٿو يا ضرورت پوڻ وقت نئون وڀاڳ کولي يا بند پڻ ڪري سگهجي ٿو.

## مٿين وڀاڳن جا ڪم

١- هر هڪ وڀاڳ ۾ هڪ دائمي عملو هجي جو وقت به وقت پنهنجي وشيه تي ڪتاب لکي ۽ پنهنجي

ڪيتر ۾ سنڌي تهذيب سان واسطو رکندڙ وشين تي ڪتاب يا ليک لکي پارٽ ۽ وديش جي سنڌين تائين پهچائي. جيڪڏهن چترڪار آهي ته هو ڪوشش ڪري سنڌي سڀيتا سان واسطو رکندڙ چتر تيار ڪري. مورتيڪار آهي ته هو به ساڳئي نموني سنڌي سڀيتا سان واسطو رکندڙ مورتي ڪلا جا نمونا تيار ڪري.

٢- ڪيندر ڪي وقت به وقت اوچي معيار جا سيمينار ڪرائي، انهن ۾ پڙهيل تحقيقي مقالن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي ڪڍي. ان کان سواءِ انهن کي انگريزي، هندي وغيره ٻين ڀاشائن ۾ انهن جو ترجمو ڪري پڻ ڇپائي ڪڍي.

٣- ڪيندر کي ڪي ڪجهه اهڙيون فيلوشپون هجن، جن ۾ يونيورسٽين جي ڊگرين جو ٻنڌن نه هجي. مثال طور سري نارائڻ پارتي آهي. (هاڻ ڊاڪٽر پارتي) هن ڀارت ۾ اڪيلي سر لوڪ ساهتيه ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي. ڪيندر هن کي سٺي فيلوشپ ڏئي يا مان ته جيڪر چاهيان ته سٺي پگهار تي دائميءَ طرح ڪيندر ۾ رکي لوڪ ساهتيه جي ڪم کي همٿائي سگهجي ٿو.

٤- ڪيندر کي ڪجهه مهان فيلوشپون هئڻ کپن. اسان جا ڪيترا ڪلاڪار، ڪوي يا ليکڪ آهن جيڪي ڌنڌي يا نوڪريءَ ۾ آهن، اهي جيڪڏهن ٿوري وقت لاءِ اچي ڪيندر ۾ رهي پنهنجو ڪم

ڪرڻ چاهين ته ڪين مهمان فيلو طور گهربل سهوليتون ڏيئي رهايو وڃي. جتي ڪين رهڻ، کاڌي وغيره جي هر سهوليت ڏني وڃي. مثال طور ڪشن ڪتواڻي ڏنڊي ۾ آهي ۽ نارائڻ شيام نوڪريءَ ۾ آهي. هو جيڪڏهن ڪجهه مهنا يا سال به موڪل وٺي ڪيندر ۾ ڪم ڪرڻ چاهين تــه ڪين گهربل سهوليتون ڏيــڻ کپن. ساڳيون سهوليتون ٻين ٻولين جي ڪلاڪارن کي پڻ ملڻ کپن.

۵- ڪيندر کي ماهياني بليٽن ڪڍي انهي رستي سڄي سنڌي جڳت سان سنبنڌ رکڻ کپي.

## چپائــڻ

ڪيندر کي هڪ تمام شاندار پــريس هجي جتي ليکڪن جي ڪتابن ۽ ليکن جي ڇپجڻ جو پورو پورو بندوبست هجي.

## هاسٽل ۽ لئبرري

ڪيندر کي تمام سٺي هاسٽل هجي جتي وقت به وقت سنڌي ودوان يــا غير سنڌي ودوان جيڪي سنڌي وشين سان واسطو رکندڙ وشين تي ڪم ڪرڻ چاهين، اچي رهي سگهن. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۽ ٻين ٻولين جــي سٺن ڪتابن جــي هڪ سٺـــي لئبرري به هجي.

## دؤرا

ڪيندر سڄي ڀارت جي سنڌين سان ڳنڍ رکڻ لاءِ هڪ مکيه ڪم جيڪو ڪري سگهي ٿو، سو هڪي وقت به وقت سنڌي شاعرن ليکڪن سنگيتڪارن ۽ چترڪارن جي دؤرن جو بندوبست ڪرڻ هي دؤرا سڄو سال ڀارت جي الڳ الڳ سنڌي ڪئمپن يا سنڌي پنچاتن جي سپائن وغيره جي سهڪار سان ٿيڻ کپن. انهن دؤرن وقت هيٺين ڳالهين جو خاص خيال رکڻ کپي:-

۱- سڀني سنڌين سان خاص سنبنڌ رکڻ.

۲- مکاني قابليت (Local talent) کي هر قسم جو اتساهه ڏيارڻ ۽ نئين ٿهيءَ جي اسرندڙ ڪلاڪارن کي همٿائڻ ۽ دڳ لائڻ. ضرورت پوڻ تي ڪيندر طرفان، ڪنهن سنستا طرفان يا وري مرڪزي يا راجيه سرڪار کان مدد وٺي ڏيڻ هن ڪم ۾ ڪيندر جو اهو وياڳه جنهن سان ڪلاڪار جو واسطو آهي، اهو پنهنجي کيتر جي اسرندڙ ڪلاڪار يا ليکڪ کي مدد وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪري.

۳- ڪيندر ۾ ڇپايل ڪتاب، تيار ڪيل چتر يا ڪلا جا نمونا هر هڪ دؤرو ڪندڙ ڪلاڪار يا ڪلاڪارن جي ٽولي پاڻ سان کڻي ويندي ۽ پروگرام جي ڏينهن انهن ڪتابن، چترن ۽ ڪلا جي نمونن جي نمائش جو پڻ

بندوبست ڪندي ۽ انهن جي وڪري ڪي همٿائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندي.

## ڪيندر جو خرچ

هاڻي مکيه ۽ سڀني کان اهم سوال آهي ته اُن ڪيندر ۾ ٿيندڙ هيترو سارو خرچ ڪير ڀري؟ هن باري ۾ هيٺيون سمڀاونائون (Possibilities) ٿي سگهن ٿيون.

١. سنڌي دانويرن جي پئسي سان.
٢. مرڪزي سرڪار جي پئسي سان.
٣. مرڪزي سرڪار، راجيه سرڪار ۽ دانويرن جي گڏيل سهڪار سان.

هاڻي اچو ته اُنهن سڀني تي ويچار ڪريون:-

## ١- سنڌي دانويرن جي پئسي سان

هن قسم جون ٿي ڪوششون سنڌي ودوانن ڪيون آهن. پهرين ڪوشش ١٩٦٠-١٩٦١ ۾ دهليءَ ۾ ٻن سنڌي نوجوانن شري نارائڻ سامتاڻي (هاڻي .Ph• D) ۽ شري لڇمڻ خوبچنداڻي (هاڻي .Ph• D) جي ڪوشش سان سنڌو ريسرچ سوسائٽي کلي. جا ٻنهي ودوانن جي دهلي ڇڏڻ کان پوءِ بند برابر آهي. ٻي ڪوشش لڇمڻ خوبچنداڻي آميريڪا مان موٽڻ کانپوءِ پوءِ پوني ۾ سنڌو کوجنا ڪيندر کولڻ سان ڪئي. هن ڪيندر کي سنڌين جو هڪ وڏو کوجنا جو مرڪز ٺاهڻ جو

سيکيو ۽ اصلي روپ اختيار نه ڪري سگهيو. هتي مان هڪ ڳالهه صاف ڪرڻ چاهيندس ته هتي ڏانوڻن جو ڏوهه نه آهي. ڪوچنا ڪيندر کان اڳ ۽ هاڻي به ڏانوڻن جو ڏوهه نه آهي. ڪوچنا ڪيندر کان اڳ ۽ هاڻي به ڏانوڻن جو ٿورو گهڻو سهڪار آهي، خاص ڪري شري عطر سنگتاڻيءَ جو، جنهن پڻ ڊاڪٽر لڇمڻ کوبچنداڻيءَ سان گڏ سنڌو ڪوچنا ڪيندر کي سنڌين جو هڪ سنو ساهتڪ ۽ ڪوچنا جو مرڪز ناهڻ جو ويچار پڪو ڪيو هو. ٽين ڪوشش محدود پيماني تي پروفيسر رام پنجواڻيءَ بمبئيءَ ۾ سيتا سنڌو پون ڪولڻ سان ڪئي آهي. ان ۾ اڄ تائين ڪيتري قدر لوڪ گيتن ۽ لوڪ سنگيت جو دائمي ڪم وگياني طريقي سان ٿيو آهي، سو مان چئي نه ٿو سگهان. ان کان سواءِ ٻيون به ڪي ننڍيون وڏيون ڪوششون ٿيون هجن ته مان نه ٿو چئي سگهان.

## ٣- مرڪزي سرڪار جي مدد سان

متئين آزمودي کي ڏسندي مان جيڪر چاهيان ته مرڪزي سرڪار ان ڪيندر جي ذميواري کڻي. پر ان ۾ سرڪار جهڙي سڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح دست اندازي ٿي سگهي ٿي. انڪري مان جيڪر هيئين ڳالهه وڌيڪ پسند ڪريان.

## ٣ـ مرڪزي سرڪار، راجيه سرڪارين ۽ دانويرن جي مدد سان

هن مان پهرين ڳالهه ته ٿيندي ته اڪيلي سر مرڪزي سرڪار تي آرٿڪ بوجهه نه پوندو. ٻيو ته جتي جتي سنڌي آهن، اهي راجيه سرڪارون پڻ ان ڏس ۾ ڪجهه ذميواري محسوس ڪنديون. ٽيون سنڌي دانوين جي پئسي ڏيڻ سان سنڌي جاتي پڻ پاڻ کي ان ڪيندر ۾ ڀاڱي ڀائيوار سمجهندي. ان طرح سنڌي قوم ڪيندر کي پنهنجو سمجهندي جا ڳالهه مکيه آهي. پوريءَ طرح سرڪاري سنستا هئڻ جي حالت ۾ ٿي سگهي ٿو ته عام ماڻهو ان ڪيندر کي اپترو سهڪار نه ڏين ۽ سمجهن ته اها سنستا پڻ سرڪار جي ٻين ڪن سنستائن وانگر آهي.

هاڻي سوال آهي، ته اهو سڀ ٿئي ڪيئن؟ منهنجي ويچار موجب:

١. ڪيندر جون ڪجهه دائمي گهرجون، جهڙوڪ جڳهه، عملو ۽ پريس وغيره لاءِ مرڪزي سرڪار خرچ پري.

٢. باقي وقت به وقت ڪنهن رٿا (Project) لاءِ، يا ڪنهن ساهتيڪار، ڪلاڪار يا ناٽڪ منڊلين جي دوري لاءِ خرچ جو ڪجهه حصو يا راجيه سرڪارون يا دانوير يا مڪاني سنڌي سنستائون ڀرين.

۳. ڪتابن جي ڇپائڻ لاءِ ٻڌ راڄ سرڪارين يا ڊاڻو ۾ يا سنڌي سنستائن ڪيندر ڪسي ٻئي جي مدد ڪري سگهن ٿيون.

۴. ڪي ڊاڻو ۾ يا راڄ سرڪارين مهان فيلو لاءِ ڪجهه پئسا يا سڀ پئسا پوري سگهن ٿيون. مثال طور ڪا هڪ راڄ سرڪار ڪنهن خاص وشيہ لاءِ مهان فيلوشپ گرانٽ ڪري سگهي ٿي ۽ ٻي راڄ سرڪار ڪا ٻي فيلوشپ يا ڪيندر جي شاخن جو خرچ راڄ سرڪارين پورين. ان نموني ٻيون به ڪيترين ڳالهين وقت اچڻ تي فيصل ڪري سگهجن ٿيون.

## ڪم ڪندڙ

پڇاڙيءَ ۾ جيڪر ٻه لفظ لکڻ چاهيان ته ان سنستا لاءِ ڪم ڪندڙ سنڌي مجنون ب تيار ڪرڻا پوندا. جيڪي سچ پچ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت لاءِ راءِ ڏياچ وانگر سر گهورڻ لاءِ تيار هجن، جن کي پنهنجي ناڻي جو نه پر سنڌي ۽ سنڌيت جو اونو هجي. سنڌ ۾ اياز ۽ سندس دوست اهڙا ئي مجنون آهن. شل هت به اسين اهڙا لعل پيدا ڪريون. چاڪاڻ ته هن ڪم لاءِ سچا عاشق کپن ۽ سچي عاشقي ڪا راند نه آهي.

عشق نه آهي راند، ته ڪي ڪنس ڳيرو
جيءَ جي جان جي، پڇي جو هيڪاند
سسي نيزي پساند، اچل ته اڏ ٿئي ●

# ترجمو ۽ سيمينٽڪ مشڪلاتون

ورهاڱي بعد سنڌي ڀارت جي جدا جدا حصن ۾ پکڙجي ويا ۽ ڀارت جي الڳ الڳ ٻولين کان واقف ٿيا، خاص طور هنديءَ جي تہ تمام ويجهو آيا. ٻين ٻولين جي ساهتيہ جو اڀياس ڪيائون. پنهنجي سنڌي ٻوليءَ ۾ ان ساهتيہ کي اُلٿو ڪرڻ چاهيائون. اُن اُلٿي ڪندي جيڪو انڀؤ کين مليو آهــو پنهنجي ليکي هڪ نئين ڄاڻ هئي.

ڪنهن هڪ ٻوليءَ جي ڪنهن بہ قسم جي ساهتيہ جو جڏهن ترجمو يا اُلٿو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪجي ٿو تہ ٻوليءَ جي مشڪلاتن سان گڏ، انيڪ سيمينٽڪ مشڪلاتون درپيش اچن ٿيون. مان هتي سيمينٽا جي انيڪ پهلن کي ويچار ۾ رکندي مشڪلاتن جو جائزو پيش ڪندس. اُنهن کي

مون هيٺين نموني وراهيو آهي:-

## ١- ڌرم

هر ڪنهن انسان جي زندگيءَ ۾ ڌرم ڪي پنهنجو خاص درجو آهي ۽ هر هڪ ڌرم جي پنهنجي پنهنجي فيلسوفي ۽ پنهنجي پنهنجي ويچار ڌارا آهي. نه فقط ايترو پر هر هڪ ڌرم جي اظهار جو پڻ پنهنجو پنهنجو نمونو آهي يعني ڪرم ڪانڊ ۽ سيني جو پنهنجو آهي. انڪري هڪ سيڪٽ گروهه جو ساهت جڏهن پنهنجي اهڙي نرالپ جو بيان ٿو ڪري ته انکي ٻئي سيڪٽ گروهه جي ساهت ۾ ترجمو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿيو پوي. مثال هندو ڌرم جي فيلسوفيءَ جون ڪيتريون ڳالهيون برهم، مايا، ستيگ، تريتا ۽ ڪلجگ وغيره جهڙن ويچارن جو ترجمو ڪرڻ ڏکيو آهي. ان کان سواءِ ٻيون ڪيتريون اهڙيون ڳالهيون آهن جي هندو ڌرم جي پوئلڳن لاءِ سمجهڻ سولو پر ٻين لاءِ ڏکيو.

ساڳي ڳالهه ڌرمي ڪرم ڪانڊ سان به لاڳو ٿئي ٿي. هندو ڌرم ۾ يگيه ڪيو ويندو آهي ۽ انلاءِ ڪيتري ئي سامان جي ضرورت پوندي آهي جيئن يگيه ڪنڊ ۽ هون ۾ ڪتب ايندڙ ڪيتريون ئي شيون، انهن ڪتب ايندڙ شين جو انگر، فارسي وغيره ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجمو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ان حالت ۾

ترجمان جي اڳيان سواءِ اُنهي ته فوٽ نوٽ ۾ سمجهاڻي ڏني ٻي ڪا واهه ني ڪانه آهي.

ساڳيءَ طرح اسلام جون ڪيترون ڳالهيون ٻين ڌرم وارن کي جن جي ٻولي ٻي آهي سمجهائڻ ڏکيون آهن. ساڳي ڳالهه عيسائي ۽ يهودي وغيره ڌرمن سان پڻ لاڳو آهي.

## ۲- ريتيون رسمون

هر ڪنهن سيپتڪ گروهه جون ريتيون- رسمون به پنهنجون پنهنجون هونديون آهن. ان ترالپ جا ڪارڻ کهڙا به هجن پر اِها حقيقت آهي ته ٻن الڳ سيپتائن جي ماڻهن جي ريتين رسمن ۾ به ترالپ هوندي آهي. ريتن- رسمن ۾ کاڌو- پيتو ، پهراڻ وغيره اچي ٿا وڃن اُنهن جو بيان هيٺ ڪجي ٿو.

### ۲۰۱ کاڌو- پيتو

زمين ۽ جاگرافيءَ جي حالتن ۾ ترالپ جي ڪري هر ڪنهن سيپتڪ گروهه جي زرعي پئداش پنهنجي پنهنجي ٿئي ۽ ان ئي تي آڌار رکي هر ڪنهن سيپتڪ گروهه جو کاڌو- پيتو. ساهت ۾ کاڌي پيتي جي شين جو بيان ته ڪنهن نه ڪنهن نموني ايندو ئي آهي ۽ اُنجو ترجمو ٻئي سيپتڪ گروهه لاءِ ڪرڻ ڏايو ڏکيو

آهي. مثال طور لائنسي ڪڪ، سنڌي ڦلڪو، پنجابي ڦراٺو، گجراتي ڍوڪلو وغيره انيڪ اهڙا مثال آهن جن جا هڪ ٻوليءَ جا لفظ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ڏايو ڏکيا آهن. اُنهن جو رس نه ڪاڍڻ سان ئي وٺي ٿو سگهجي ۽ نه بيان سان. ڪجهه وڏيڪ مثال وٺو جن ۾ لفظي ترجمو مؤجود آهي پر ته به حقيقت کان ڪيترو پري آهي. ڪڙهي سنڌي ۾ ٿيندي آهي ۽ ڪڙهي لڳ ڀڳ سڄي ڀارت ۾ پرانت ۾ ٺاهي ويندي آهي، ان حالت ۾ جيڪڏهن ڪو ترجمان ڊڪشنريءَ جي مدد سان هڪ ٻوليءَ جي ساهت ۾ ڪم آندل ڪڙهي لفظ جو ترجمو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪري ته هو ڪڏهن به نموني صحيح ترجماني نه ڪري سگهندو. مثال سنڌي ڪڙهيءَ جو ٺاهڻ جو نمونو پنهنجو ۽ ان ۾ ڪم آندل شيون الڳ الڳ ۽ اُنجو سواد به پنهنجو. ساڳيءَ طرح گجراتي ڪڙهي، مراٺي ڪڙهي ۽ انگريزي ڪڙهي سڀني جا روپ، رنگ ۽ سواد الڳ الڳ آهن.

ساڳي حالت پيهڻ جي ريتين رسمن ۾ به ٿيندي آهي. سنڌي ٿاڌل جي سواد جو مزو ودیشي ڪوڪا ڪولا مان نه وٺي سگهبو ۽ نه ئي ورڇي ڪوڪا ڪولا جو مزو سنڌي ٿاڌل مان وٺي سگهبو.

اِهي نه ٿيون کاڌي پيتي جون شيون. کاڌي پيتي لاءِ ڪتب ايندڙ برتن ۽ ڪراڪري به هر سميتڪ گروهه جي پنهنجي پنهنجي ٿيندي آهي ۽ ديس ۽ وقت آهر

آهي وري دنيا جي لکتي لسان مٿيو به وڃي. مثال سنڌي ٽسريءَ جو وديشي ٻليٽ سان مقابلو نه ڪري سگهبو ۽ نه ئسي وري ترجمو ڪري سگهبو. ڪنهن زماني ۾ سنڌي مجلس ۾ جڏهن پيئڻ جا دؤر هلندا هئا ته ٽسريون ۽ ڏونگها ڪٽورا مجلس جا سرمور هوندا هئا انهن جو ترجمو انگريزيءَ يا ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ۾ ڪرڻ ڏکيو آهي. ساڳيءَ طرح هر ڪنهن سيپٽڪ گروهه کي پنهنجون پنهنجون اهڙي قسم جون رڌون ٿين ٿيون جنجو ترجمو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪرڻ ڏکيو آهي.

هن قسم جي ترجمي جي تڪليف ڪان اهي ترجمان ڀڄوبي واقف هوندا جن پراڻت وگيان (archaeology) ۽ مانو وگيان anthropology وغيره جهڙن وشين جي ڪتابن يا ليکن جو هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو هوندو، جتي ڪنهن ڪنهن ڪونائيءَ ۾ يا ڪنهن آدم جاتيءَ (tribe) وٽان کي اهڙا برتن ملندا آهن جنکي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو آهي. آدم جاتيءَ ۽ کوٽائين جي ڳالهه ته ڇڏيو پر خود اسانجي سنڌي ڪونڊي جو ترجمو ٻين ٻولين ۾ ڪرڻ تمام ڏکيو آهي.

## رهائش

هر ڪنهن سيپٽڪ گروهه جي آبهوا پنهنجي پنهنجي ٿيندي آهي انڪري هر ڪنهن سيپٽڪ گروهه جي

رهائش ۾ پنهنجي نموني جي ٿيندي آهي ۽ اُن ڏي سنڌس گهرجون آڌار رکنديون آهن. گرم ملڪن جون گهرجون پنهنجون ته وري ٿڌن ملڪن جون ضرورتون پنهنجون ۽ اُنهن ضرورتن مطابق ئي وري رهائش جي تور طريقي تي اثر پوي ٿو. جيتوڻيڪ هاڻي يورپ ۾ وگيان جي واڌاري سان گڏوگڏ يورپي سڀيتا جو اثر ٻين ملڪن تي پڻ شروع ٿي ويو آهي. تنهن هوندي ۾ هر ڪنهن سڀيتڪ گروهه کي پنهنجي پنهنجي نرالپ اوس آهي. ان ڪارڻ جڏهن ترجمان کي اهڙي ماحول جو مقابلو ڪرڻو ٿو پوي تڏهن هن لاءِ ڪنائي پيدا ٿيو وڃي.

رهائش جي مکيه تڪليفن ۾ اهڙو گهر ۽ گهر جو ناهه. سنڌ ۾ سنڌين جي گهرن جي بناوت پنهنجي هوندي هئي جنهن ۾ ڪيترين ئي خاصيتون هونديون هيون، جنهجي لاءِ اهڙا چيدا اکر سنڌيءَ ۾ آهن جو ترجمو ڪرڻ ڏکيو آهي. مثال سنڌ ۾ منگهه هوندا هئا. سنڌ جي جڳهين جي اها خوبي شايد ئي ڪٿي ليي ۽ سياوڻڪ آهي ته اُتلاءِ تڙ اکر ۾ نه ملندو، اِنڪري سياوڻڪ آهي ته ترجمي ۾ ڪنائي ٿيندي.

ساڳيءَ طرح گهر جي ناهه نوهه جيو ۾ ڪيترو ئي سامان آهي جنهنجو ترجمو ڪرڻ ڏکيو آهي. مثال سنڌي پينگهو جنهنجي سونهن سوڀيا جو بيان ڪرڻ ۾ ڏکيو

آهي. اهڙي طرح جڏهن اهڙي قسم جي خاص سيمينٽڪ وڻن جو هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪجي ٿو ته انيڪ تڪليفون درپيش اچن ٿيون.

## ٤- رانديون

وقت سارو هر ملڪ ۽ هر قوم جا ونڊر جا وسيلا به پنهنجا پنهنجا هوندا آهن. اهڙن ونڊر جي وسيلن ۾ رانديون خاص ڌيان لهڻو. جيئن ٽينڪ اڄڪلهه ڪو به ديس ٻئي ملڪ جي راند کي پنهنجو ڪري ۾ هرڪي نٿو ننهن هوندي به هر ڪنهن سيمينٽڪ گروهه کي ڪنهن نه ڪارڻ جي ڪري ڪنهن خاص راند سان لڳاءُ ضرور هوندو آهي. يا ڪنهن کي ورثي پنهنجي نجي راند هوندي آهي. انڪري هن قسم جا انيڪ مثال ملي ويندا. سنڌي اِنَ ذڪر ۽ ونجهه وٽي وغيره، ننهن ڪان سواءِ تاس جي انيڪ نمونن جي راندين جو پڻ ترجمو ڪرڻ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ آهي.

## ٥- اند وشواس

هر ڪنهن سيمينٽڪ گروهه کي چاهي هو ڪيترو به هاڻوڪي وگياني چاڻ ۾ اڳتي وڌيل هجي ڪنهن نه ڪنهن نموني اند وشواس ۾ وشواس رکندي ٿو، اهڙن اند وشواسن کي هڪ ٻوليءَ مان ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ

۽ ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هر ڪنهن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙ ۾ پنهنجي نموني جا انداز وشواس ٿيندا آهن.

انهن مڙني ڳالهين ڪانسواءِ سوين اهڙا نڪتا يا وڏا سانسڪرتڪ پهلو يا نظريا آهن جيڪي هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ سڌا يا بنا ڪنهن تڪليف جي ترجمو نٿا ڪري سگهجن. مثال اسانجي شادين ۽ ڄڃن، منڊ ۽ جهنڊ، ڀراٽي وغيره جهڙن ڪيترين ڳالهين آهن جن کي ترجمو نٿو ڪري سگهجي.

منهنجي بيان ڪيل مٿين ڳالهين مان ڪنهن بہ نہ سمجهڻ کپي تہ مان ڪو ترجمي جي خلاف آهيان. پر سوال تو اٿي تہ اهڙين حالتن‌هيٺ ڇا ڪرڻ کپي. اُن لاءِ ڪنهن ٻئي ليکہ ۾ ان تي روشني وڌي ويندي.

# SINDHI JAA TIH SAAL

*( Thirty Years of Sindhi )*

BY :- DR. PARSO GIDWANI
M.A., Ph.D.

SINDHI TIMES
Publication

- ڊاڪٽر پرسو گدواڻي
بنيادي طور هڪ ڪويڪ
آهي. اڄ جڏهن گهڻا اديب
ڪهڻ روزگار ۾ لڳي ادب
کان ڪنارو ڪري ويا آهن
اتي خاص طور ڪوِتا طرف
ڌيان ڏيڻ ڏکيو آهي. ڪهڻ
وقت جي اونهائي ۽ وچڙائن
جي هر پهلوءَ کان اوڪ. ڊوڪ.
ڪرڻ ڏکيو آهي. اتي ڊاڪٽر
گدواڻي، ايم-اي. پي.ايڇ. ڊي
ڪرڻ بعد ڪهڻ روزگار ۾
لڳڻ ڪانسواءِ به اوڪ. ڊوڪ ۾
دلچسپي ورتي ۽ سو به سنڌي
وقت ۾، اهڙا هڪ پهرئين
ليکڪي اهم ۽ خوشي واري
ڳالهه آهي.

"سنڌيءَ جا ٽيهه سال"
سندس ظاهر ٿيل اهو ڪتاب
آهي. پهريون ڪتاب ان ٿي
اوڪ. ڊوِڪ. وارو ۽ شاهه لطيف
جي شعر بابت، چڱا سال اڳ
ظاهر ٿي چڪو آهي.

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي هن
وقت پوني جي ڊيڪن ڪاليج
۾ سنڌي ڪوِتا وڀاڳ جو
پرمک آهي ●

# SINDHI JAA TIH SAAL

*( Thirty Years of Sindhi )*

BY :- DR. PARSO GIDWANI
M.A., Ph.D.

SINDHI TIMES
Publication

- ڊاڪٽر پرسو گدواڻي
بنيادي طور هڪ کوجڪ
آهي. اڄ جڏهن گهڻا اديب
ڪنهن روزگار ۾ لڳي ادب
کان ڪنارو ڪري ويا آهن
اُتي خاص طور کوجنا طرف
ڌيان ڏيڻ ڏکيو آهي. ڪنهن
وشيه جي اونهائي ۾ وڃڻ، ان
جي هر پهلوءَ کان اوک ڏوک
ڪرڻ ڏکيو آهي. اُتي ڊاڪٽر
گدواڻي، ايم-اي. پي.ايڇ. ڊي
ڪرڻ بعد ڪنهن روزگار ۾
لڳڻ کانسواءِ به اوک ڏوک ۾
دلچسپي وٺي ۽ سو به سنڌي
وشيه ۾، اها هڪ پهنجي
لکي آهي ۽ خوشي واري
ڳالهه آهي.

"سنڌيءَ جا ٽيهه سال"
سندس ظاهر ٿيل ٻيو ڪتاب
آهي. پهريون ڪتاب ان ئي
اوک ڏوک وارو هو شاهه لطيف
جي شعر بابت، ڇهه سال اڳ
ظاهر ٿي چڪو آهي.

ڊاڪٽر پرسو گدواڻي هن
وقت پوني ۾ ڊيڪن ڪاليج
۾ سنڌي کوجنا ڀاڱي جو
پرمک آهي ●

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)